جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL.
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: **حاجي محمد حنيف ميمڻ**
ايڊيٽر: **سيد گل شاهه**
جلد 16 | خميس 03 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 20 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 322

سنڌ پنهنجي ترقياتي ايجنڊا جي مرڪز ۾ صحت، غذائيت ۽ عورتن توڙي ٻارن جي ڀلائيءَ کي رکيو آهي: مراد علي شاهه

انهن شعبن ۾ وڏي پيماني تي سيڙپڪاري ڪئي آهي، وڏي وزير چيو ته سنڌ پنهنجي صحت جي نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ خاص ڪري مائين ۽ ٻارن لاءِ صحت جي سهولتن تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ لاءِ سخت محنت ڪئي آهي

اسان ماءُ ۽ ٻار جي صحت، غذائيت، ويڪسينيشن ۽ سماجي تحفظ ۾ سيڙپڪاري ڪئي آهي پر چيلينج جي وڏي پيماني کي نظر ۾ رکندي مضبوط ڀاڱيواري ۽ جديد حلن جي ضرورت آهي

صوبائي حڪومت ٽرائيونگ فيوچرز فنڊ جي حڪمت عملي واري خيرات، ثبوتن تي ٻڌل مداخلت ۽ نظام کي مضبوط ڪرڻ واري توجهه کي ڀليڪار ڪري ٿي

اسان اهڙين ڀاڱيوارين ۾ دلچسپي رکون ٿا جيڪي اسان جي موجوده پروگرامن جي نقل ڪرڻ بدران انهن جي تڪميل ڪن. سنڌ پاليسي فريم ورڪ، ادارتي چونڊ، ڊيٽا ۽ موجوده سرڪاري پروگرامن تائين پهچ فراهم ڪري سگهي ٿي

RMNCH (ماءُ، نوزائيده ۽ ٻار جي صحت) ۽ غذائيت جي قدمن کي اهڙن اهم پليٽ فارمن طور نمايان ڪيو جتي اضافي ٽيڪنيڪل ۽ مالياتي سهڪار وڏيڪ بهتر نتيجا پيدا ڪري سگهي ٿو

هن گيٽس فائونڊيشن جي مالي سهڪار سان آڪسفورڊ پاليسي مينيجمينٽ سان تازوئي ٿيل معاهدي جو پڻ حوالو ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گيٽس فائونڊيشن ۾ جينڊر اڪائونٽي جي صدر ڊاڪٽر انيتا زيدي سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٽرائيونگ فيوچرز فنڊ (TFF) تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ ماءُ توڙي ٻار جي صحت، غذائيت، ويڪسينيشن (حفاظتي ٽڪا) ۽ عورتن جي اقتصادي بااختياريءَ جي شعبن ۾ تعاون جي موقعن جو جائزو ورتو ويو. ان ملاقات ۾ عورتن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وڏي وزير سان گيٽس فائونڊيشن ۾ جينڊر اڪائونٽي جي صدر جي ملاقات ڪندي

پاڪستان ۽ ڪرغزستان پاران ٻطرفي واپاري ماپي کي 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ تي اتفاق

تعليم، صحت، واپار، موسمياتي تبديلي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ماحولياتي تبديلين ۽ ثقافت سميت مختلف شعبن ۾ لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۽ اقتصادي پائيواري کي نئين بلندين تي وٺي وڃڻ لاءِ عملي ۽ لاڳائتن قدمن تي اتفاق

ڪرغزستان وچ ايشيا ۾ پاڪستان جو اهم پائيوار آهي، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري لنگهه جو معاهدو هڪ سُٺي اڳڀرائي آهي: شهباز شريف

معاهدن ۽ مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحُون ٻطرفي تعاون کي فروغ جي هڪ نئين دور جي شروعات آهي، موجوده ٻطرفي واپاري ماپي کي ايندڙ ٻن سالن ۾ 16 ملين ڊالر کان 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جو عزم رکون ٿا

ڪاسا 1000 منصوبي جو بروقت مڪمل ٿيڻ ضروري آهي، دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ ٻين جديد خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تعاون وڌائينداسين

ڪرغزستان جي صدر صادر زاپاروف ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اعليٰ سطحي رابطن ۽ گڏيل لاڳاپن کي نئين سطح تي وٺي وڃڻ جي گڏيل عزم جو اظهار

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سيڙپڪاري جا وڏا موقعا موجُود آهن، پاڪستان سان دواسازي، زراعت، توانائي، نندي مشينري، سياحت، ڊجيٽل معيشت، ورچوئل اثاثن ۽ ٻين شعبن ۾ گڏيل منصوبن تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

بشڪيڪ (بيورو) پاڪستان ۽ ڪرغزستان ٻطرفي واپاري ماپي کي ايندڙ ٻن سالن ۾ 16 ملين ڊالر کان 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪندي تعليم، صحت، واپار، موسمياتي تبديلي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ماحولياتي تبديلين ۽ ثقافت سميت مختلف شعبن ۾ لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۽ اقتصادي پائيواري کي نئين بلندين تي وٺي وڃڻ لاءِ عملي ۽ لاڳائتن قدمن تي اتفاق ڪيو آهي جڏهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

بشڪيڪ: پاڪستان ۽ ڪرغزستان ۾ معاهدي بعد وزيراعظم صحيحيون ڪندي

شهباز شريف پاران ڪرغزستان جي صدر صادر زاپاروف سان گڏ بشڪيڪ ۾ آلا آرچا نيشنل پارڪ جو دورو

صدر صادر زاپاروف ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي آلا آرچا نيشنل پارڪ اچڻ تي آجيان ڪئي وئي

ڪرغزستان جي ثقافت ۽ ان سان واڳيل مختلف روايتي سرگرمين، ثقافتي رقص ۽ ٻين روايتي فنون جو مظاهرو پيش ڪيو ويو

شهباز شريف ڪرغز عوام جي شاندار ثقافتي روايتن ۽ صدين تي ٻڌل ورثي ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو

بشڪيڪ (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪرغزستان جي صدر صادر زاپاروف سان گڏ بشڪيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪرغزستان جو دورو مڪمل ڪري پاڪستان پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪرغزستان جو دورو مڪمل ڪري پاڪستان پهچي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

بلاول به لنڊن پهچي ويو، صدر زرداري سان هڪ هفتو برطانيا ۾ گذاريندو

لنڊن (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري آسٽريا کان لنڊن پهچي ويو آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

”ايران کان پري رهو“، آمريڪا جي پاسداران انقلاب سان واپار ڪندڙن کي سخت وارننگ

سيئي چاهين ٿا ته هي تڪرار ختم ٿئي ۽ ان جو تيزترين رستو اهو آهي ته ڪو به ايراني حڪومت جي ڪنهن به قسم جي مدد نه ڪري

آمريڪي عملدار انهن سمورن ماڻهن ۽ ادارن سان انتهائي سنجيدگي ۽ وڏي پيماني تي ڳالهائي رهيا آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سجاد حيدر خان پرڏيهي آفيس جو نئون ترجمان مقرر

طاهر حسين اندرابي پنهنجي ترجماني واري دور دوران صحافين پاران ملندڙ تعاون ۽ حمايت تي ٿورا ادا ڪيا

سجاد حيدر خان هن بريفنگ کانپوءِ ترجمان جون ذميواريون سنڀاليندو

اسلام آباد (بيورو) عهدو ڇڏيندڙ پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي سجاد حيدر خان کي پرڏيهي آفيس جي نئين ترجمان طور تي متعا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

شهباز شريف جي ڪرغزستان جي دوري دوران ڪرغز صدر پاران غيرروايتي مهمان نوازي جو مظاهرو

بشڪيڪ (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ڪرغزستان جي دوري دوران ڪرغز صدر پاران/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

صدر زرداري سان ۽ گهرو وزير جي لنڊن ۾ اهم ملاقات، نون صوبن بابت اهم پيغام پهچائي ڇڏيو

جنهن دوران قومي ۽ موجوده سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، محسن نقوي صدر کي اهم پيغام پڻ پهچايو

صدر آصف علي زرداري ۽ محسن نقوي وچ ۾ ملاقات لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ جاري رهي، جنهن دوران ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ون آن ون ملاقات

لنڊن (م د) صدر آصف علي زرداري سان گهرو وزير محسن نقوي جي لنڊن ۾ اهم ملاقات ٿي آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

وزيراعظم جو بشڪيڪ ۾ صدارتي محل آمد تي گرمجوشي سان استقبال

ڪرغزستان جي صدر صادر زاپاروف وزيراعظم محمد شريف جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو

بشڪيڪ (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف جو ڪرغزستان جي گادي واري هنڌ بشڪيڪ ۾ صدارتي محل آمد تي گرمجوشي سان استقبال ڪيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ڪرغزستان جي پرڏيهي وزير سان ملاقات

اجلاس جي موثر ميزباني ۽ چهين عالمي نوميڊ راندين جي افتتاحي تقريب جي ڪامياب انعقاد تي پرڏيهي وزير ڪلوبايف کي مبارڪباد ڏني

عوامي سطح تي رابطن جي فروغ تي ڌيان ڏيندي ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي پاڪستان جي عزم کي ورجايو

بشڪيڪ (م د) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

بشڪيڪ: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ڪرغزستان جي پرڏيهي وزير سان ملاقات ڪندي

آمريڪا جي تازن حملن ۾ 11 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي زخمي ٿيا آهن: ايراني ميڊيا جي دعويٰ

گذريل رات ٿيل آمريڪي ميزائل حملن ۾ صوبي جي ٽن هنڌن کي نشانو بڻايو ويو، ايراني اختيارين موجب اهڙن حملن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا

زخمين کي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرميون به جاري آهن. اهي حملا اهڙي وقت ۾ ٿيا آهن

ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ فوجي ڇڪتاڻ هڪ دفعو ٻيهر شدت اختيار ڪري چڪي آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تازو جهيڙي جي دوران ايران جي مختلف علائقن ۾ آمريڪي حملن جا اطلاع سامهون ايندا رهيا آهن

تهران (م د) ايران دعوي ڪئي آهي ته انهي جي زمين تي آمريڪا جي تازن حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 11 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن. ايراني سرڪاري ميڊيا موجب آمريڪا ڏکڻ مغربي صوبي خوزستان ۾ ٽن هنڌن کي نشانو بڻايو جنهن دوران 7 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 8 زخمي ٿي پيا آهن. فرانسيسي خبرن ڊينڊز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ڪراچي: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

واپارين به حمايت ڪري ڇڏي آهي، سڀاڻي سموري ملڪ ۾ هڙتال ٿيندي: حافظ نعيم الرحمان

تيل ڪمپنين ۽ حڪومت جي وچ ۾ ڳٺ جوڙ جو بار عوام تي آهي، اهي غريبن کي ٽيڪس فري نٿا ڪن: حافظ نعيم

پر انهن چيني مافيا لاءِ ٽيڪس کي صفر ڪري ڇڏيو آهي. جماعت اسلامي جي تحريڪ ۾ سڀئي مخالف پارٽيون گڏ آهن

صوبن جي جوڙجڪ عوامي راءِ ۽ آئين جي مطابق هجڻ گهرجي، پر ايم ڪيو ايم 40 سالن کان نورڪشي ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي جي امير سڀاڻي ملڪ گير هڙتال جو اعلان ڪيو آهي. حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته تيل ڪمپنين ۽ حڪومت جي وچ ۾ ڳٺ جوڙ جو بار عوام تي آهي، اهي غريبن کي ٽيڪس فري نٿا ڪن. پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

خطي کي پائيدار ترقي جي رستي تي آڻڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: احسن اقبال

وفاقي وزير پاران گلگت بلتستان ۾ بجلي جي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ 100 ميگاواٽ سولر منصوبي تي اڳڀرائي يقيني بڻائڻ جي هدايت

نلتر ۽ هنزل پاور منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان گڏو گڏ، سولر منصوبي جي فيبر، ٽرانسميشن لائن ۽ روڊن جي بنيادي ڍانچي تي به هڪ ئي وقت ڪم ڪيو ويندو

گلگت بلتستان جي خوبصورت ۽ حساس ماحول جي حفاظت لاءِ هڪ گڏيل سياحتي فريم ورڪ تيار ڪرڻ ۽ ڪيرئنگ ڪيپيسٽي اسٽڊي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خاص قدمن جي وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته گلگت بلتستان جي عوام جي محرومين کي ختم ڪرڻ ۽ خطي کي پائيدار ترقي جي رستي تي آڻڻ حڪومت جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

پشاور: وزيراعلي بلوچستان مير سرفراز بگٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته نوان صوبا ٺهي ويندا: اعظم نذير تارڙ

آزاد ڪشمير ۾ سڀ کان وڏو مسئلو چونڊون ڪرائڻ هو، جتي چونڊون پرامن ۽ شفاف نموني ٿيون

پاڪستان ۾ جڏهن صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته به ڀاڱي ٽي اڪثريت سان نوان صوبا به ٺهي ويندا

وزيراعظم ڪيترائي ڀيرا مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت ڏئي چڪو آهي، آزاد ڪشمير جو وزيراعظم چونڊڻ جو حق نواز شريف وٽ هو

لنڊن (م د) وفاقي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته به ڀاڱي ٽي اڪثريت سان نوان صوبا به ٺهي ويندا. لنڊن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اعظم نذير تارڙ چيو ته آزاد ڪشمير ۾ سڀ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

عالمي بينڪ پاران ينگ پروفيشنلز پروگرام لاءِ اميدوارن کان درخواستون طلب

پروگرام باصلاحيت ۽ ايندڙ نوجوانن لاءِ عالمي ترقي جي مشن ۾ پنهنجو حصو وجهڻ جو سونهري موقعو آهي

جيڪي عالمي ترقي جي ميدان ۾ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو جذبو رکن ٿا

اسلام آباد (م د) عالمي بينڪ ينگ پروفيشنلز پروگرام لاءِ اميدوارن کان درخواستون طلب ڪريون آهن. بينڪ گروپ پاران جاري ڪيل بيان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪير غلطي ۾ نه رهي، آمريڪا کي ضرورن جي ڏوهن جي سزا ملندي: ايران

عام ماڻهن جو قتل نام نهاد انساني حقن جي محافظن جي مايوسي ۽ بي بسي جو واضح ثبوت آهي: ابراهيم عزيزي

مناب ۽ لامارد ۾ آمريڪي حملي ظلمن جو هڪ سلسلو آهي، ڪنهن کي به غلط نه رهڻ گهرجي

انهن کي ضرور انهن جي آمريڪي ڏوهن جي سزا ملندي، ايراني هٿياربند فوجن جي لوهي مرضي جي اڳيان آمريڪا کي ڪجهه به نه بچائي سگهندو

تهران (م د) آمريڪي حملي تي ايراني پارليامينٽ جي قومي سلامتي ڪميشن جي سربراهه ابراهيم عزيزي چيو ته عام ماڻهن جو قتل نام نهاد انساني حقن جي محافظن جي مايوسي ۽ بي بسي جو واضح ثبوت آهي ابراهيم عزيزي چيو ته مناب ۽ لامارد ۾ آمريڪي حملي ظلمن جو هڪ سلسلو آهي، ڪنهن کي به غلط نه رهڻ گهرجي، انهن کي ضرور انهن جي آمريڪي ڏوهن جي سزا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 2 لک 35 هزار 900 ڪيوسڪ

ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو متاڻهون ۽ هيٺاهون وهڪرو 30 هزار ڪيوسڪ

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

حالتن موجب پاڻ کي بدلائڻ، زميني ۽ معلوماتي شعبن ۾ اڳڀرائي ضروري آهي: ايڊمرل نويد اشرف

پاڪستان نيوي جي ڪراچي ۾ ميجر ميري ٽائم ايڪسرسائز سي اسپارڪ 2026ع شروع ٿي وئي

جنهن دوران پاڪ نيوي پنهنجي جنگي تياري ۽ آپريشنل صلاحيت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو

چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف مشق جي افتتاحي بريفنگ جي صدارت ڪئي

پاڪ فوج جي مختلف شعبن جا سينئر آفيسر به ساڻس گڏ موجود هئا

راولپنڊي (م د) سامونڊي فوج جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف چيو آهي ته تبديل ٿيندڙ سيڪيورٽي ماحول ۾ تياريون، ٽنهي فوجن وچ ۾ وڌيڪ اثرائتو انضمام، حالتن موجب پاڻ کي بدلائڻ جي صلاحيت، زميني ۽ معلوماتي شعبن ۾ اڳ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

پاڪستان ۽ ازبڪستان وچ ۾ توانائي جي شعبي ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جا وسيع امڪان موجود آهن: وفاقي وزير

خاص ڪري بجلي جي گڏيل پهچ، تجديد جوڳي توانائي، پن بجلي، توانائي جي بنيادي ڍانچي ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون وڌائي سگهجي ٿو

توانائي جي شعبي ۾ مضبوط تعاون ٻنهي ملڪن جي وسيع تر اقتصادي حصيداري ۽ علائقائي رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو

ازبڪستان لاءِ مسلسل امن، استحڪام، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

پاڪستان ازبڪ عوام جي ڪاميابين کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تاريخي رابطن کي اهميت ڏئي ٿو

اسلام اباد (بيورو) توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري چيو آهي ته پاڪستان ۽ ازبڪستان وچ ۾ توانائي جي شعبي ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جا وسيع امڪان موجود اهن، خاص ڪري بجلي جي گڏيل پهچ، تجد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستان جي عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽس ۾ واپسي، ڊالر بينچ مارڪ يورو بانڊ جاري ڪرڻ جي شروعات

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان معاشي استحڪام جي حڪمت عملي تحت عالمي ڪيپيٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ايچ اي سي پاران تعليمي سندن جي تصديق جي نالي تي جعلي ايجنٽن کان هوشيار رهڻ جي هدايت

اسلام آباد (بيورو) هائر ايجوڪيشن ڪميشن (ايچ اي سي) عوام کي خبردار ڪيو آهي ته ڪيترائي ماڻهو تعليمي سندون تصديق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ايران پنهنجي مفادن ۽ آزادي جي جنگ پيو وڙهي، ماسڪو تهران سان گڏ آهي: پيوٽن

ماسڪو پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ۾ ايراني عوام سان مڪمل ايڪي جو اظهار ڪري ٿو

موجوده فوجي ۽ سياسي صورتحال باوجود روس ۽ ايران پنهنجا اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپا برقرار رکندا

بشڪيڪ (م د) روسي صدر ولاديمير پيوٽن چيو آهي ته روس سمجهي ٿو ته ايران پنهنجي مفادن ۽ آزادي لاءِ جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ ڪيس اهو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

وزيراعظم ”اپنا گهر“ تيزي سان ڪاميابي جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي: خرم شهزاد

اسلام آباد (بيورو) ناڻي جي وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته ملڪ ۾ گهٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

راولپنڊي: سامونڊي فوج جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف تقريب کي خطاب ڪندي ۽ جوانن سان ملاقات ڪندي

دونهون ڇڏيندڙ سرڪاري گاڏيون بند ڪرڻ جو فيصلو

سينيئر صوبائي وزير مريم اورنگزيب جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

چانورن جي فصل جي لاباري کان اڳ هارين کي 10 هزار سپر سيڊرز فراهم ڪرڻ بابت بريفنگ

لاهور (م د) پنجاب حڪومت سرڪاري کاتن جون دونهون ڇڏيندڙ ۽ گدلاڻ پکيڙيندڙ گاڏيون بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سينيئر صوبائي وزير/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

اياز صادق پاران پاڪستان طرفان شنگهائي تعاون تنظيم جي صدارت سنڀالڻ تي قوم کي مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق پاڪستان طرفان شنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

سنڌ ٽوڙڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي، انتظامي يونٽ ٺهڻ گهرجن: فرحان انصاري

اسان به اوترائي سنڌي ۽ اوترائي پاڪستاني آهيون، جيترا اوهان آهيو

هتي ويٺل ڪنهن به ميمبر کي ڪنهن کان پنهنجي سنڌي يا پاڪستاني هجڻ جو سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ضرورت ناهي

ڪراچي (رپورٽر) متحدا قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فرحان انصاري چيو آهي ته هتي ڪنهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پيٽروليم مصنوعات جي وڪري ۾ هلندڙ سال جي پهرين ٻن مهينن ۾ ساليانو بنيادن تي 10 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي وڪري ۾ هلندڙ مالي سال جي پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

سون اگهه ۾ وڏي لاٽ، هزارين رُپيا سستو ٿي ويو

ملڪ ۾ في تولو سون 11 هزار 300 رپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ 4 لک 54 هزار 36 رپين جو ٿي ويو

10 گرام سون 9 هزار 688 رپيا لاٽ سان 3 لک 89 هزار 262 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ في تولي سون جي اگهه ۾ اڄ 11 هزار رپين کان وڌيڪ لاٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

واپاري نمائش فوڊ آفريڪا قاهره 2026ع ۾ شرڪت لاءِ درخواستون 6 سيپٽمبر تائين جمع ڪرائي سگهجن ٿيون: ٽي ڊي اي پي

اسلام آباد (بيورو) ٽريڊ ڊويلپمنٽ اٿارٽي پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) چيو آهي ته مصر ۾ ٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

”پناهگير“ جو لفظ اسان وتان ناهي نڪتو: هير سوهو

اوهان پاڻ کي پناهگير چئو ٿا ۽ پوءِ شڪايت به ڪريو ٿا

پوءِ چوندا آهيو ته اسان جي ڳالهه ٻڌي نٿي وڃي ۽ اسان کي ڳالهائڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم پي اي هير سوهو چيو آهي ته هڪ وقت ڪراچي ۾ سنڌي شاگردن لاءِ داخلا جا دروازا بند ڪيا ويا هئا ۽ ڪين يونيورسٽين ۽ بين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

حيدرآباد: مهانگائي ۽ پيٽرول تي ليوي ٽئڪس خلاف ڌرڻو جاري

جنهن جي آخري ڏينهن واري جلسي جون تمام تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ ماڻهن جي آمد جو سلسلو تيزيءَ سان جاري

مهانگائي ۽ جولمي ليوي ٽئڪس جي خاتمي لاءِ 3 سيپٽمبر تي سڄي ملڪ ۾ پوري ڦيٿا روڪ هڙتال ڪئي ويندي

عوام هاڻي ان ناانصافي واري نظام کي وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي ۽ احتجاج جو دائرو سڄي ملڪ ۾ پکيڙيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽر): حيدرآباد جي حيدر چوڪ تي مهانگائي ۽ پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل ليوي ٽئڪس خلاف جماعت اسلامي جو احتجاجي ڌرڻو ٽئين ڏينهن به جاري رهيو. جنهن جي آخري ڏينهن واري جلسي جون تمام تياريون مڪمل ڪيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

حيدرآباد: مهانگائي ۽ پيٽرول تي ليوي ٽئڪس خلاف ڌرڻو جاري آهي

صوبائي وزير جام خان شورو سان يو ايس ڪائونسل جنرل چارلس گڊمن جي سربراهي ۾ آمريڪي وفد جي ملاقات

پبلڪ افيئر آفيسر شان ميڪائونتس، پوليٽيڪل آفيسر حرم رينالڊ ۽ اڪنامڪ اسپيشلسٽ اقصيٰ ميمڻ به موجود هئا

ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد، ٽائون چيئرمين ۽ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ملاقات ڪئي

ان موقعي تي آبپاشي کاتي واري وزير جام خان شورو ۽ يو ايس ڪائونسل جنرل چارلس گڊمن هڪٻئي سان پنهنجا خيال ونڊيا

حيدرآباد (رپورٽ فيصل ڏاهري) آبپاشي کاتي جي وزير جام خان شورو جي حيدرآباد ۾ رهائشگاهه تي يو ايس ڪائونسل جنرل چارلس گڊمن جي سربراهي ۾ آمريڪي وفد پهچي ويو. آمريڪي وفد ۾ يو ايس ڪائونسل جنرل چارلس گڊمر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

خميس 03 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 20 ربيع الاول 1448هه

علي نواز ٻٽ: هڪ بي لوث قومي پورهيت جو وڇوڙو

سنڌ جي قومي تحريڪ جڏهن پنهنجي تاريخ جي اهم ڪردارن کي ياد ڪندي ته ڪامريڊ علي نواز ٻٽ جو نالو يقيناً انهن ماڻهن ۾ شامل هوندو جن سياست کي ذاتي مفادن، عهدن ۽ شهرت بدران قوم، پورهيت ۽ مظلوم ماڻهن جي خدمت جو ذريعو بڻايو. سندس لاڏاڻو رڳو هڪ فرد جو وڇوڙو ناهي، پر سنڌ جي قومي ۽ پورهيت تحريڪ جي هڪ اهڙي باب جو بند ٿيڻ آهي، جنهن ۾ جدوجهد، قرباني، اصول پسندي، تنظيم سازي ۽ بي لوث خدمت جا ڪيترائي ورق موجود آهن. ڪامريڊ علي نواز ٻٽ ڪجهه عرصي کان سخت علالت ۾ مبتلا رهڻ ڪانپوءِ ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج دوران دم ڏني حوالي ڪيو ته سندس وڇوڙي جي خبر سڄي سنڌ ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر پيدا ڪري ڇڏي. سندس مڙهه ڪراچي کان ميهڙ پرسان اباڻي ڳوٺ ٻٽ سرائي آندو ويو جتي قومي ترانن ۽ جيئي سنڌ جي نعرن سان ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. ڪراچي کان ميهڙ تائين سندس آخري سفر به ان ڳالهه جي شاهدي بڻيو ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي نه، پر وڇوڙي ڪانپوءِ به ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهندا آهن. علي نواز ٻٽ 21 نومبر 1951ع تي دادو ضلعي جي تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ ٻٽ سرائي ۾ محمد پريل ٻٽ جي گهر ۾ جنم ورتو سندس شروعاتي تعليم ڳوٺ مان ٿي، جڏهن ته مئٽرڪ ٿرڙي محبت مان پاس ڪيائين. ننڍپڻ کان ئي سماجي حالتن، ناانصافين، محرومين ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي مسئلن کي سمجهڻ واري حساس ذهن رکندڙ علي نواز ٻٽ لاءِ تعليم رڳو روزگار حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه، پر سماج کي سمجهڻ، سوال ڪرڻ ۽ ان ۾ تبديلي آڻڻ جو رستو بڻجي وئي. 1970ع ڌاري لاڙڪاڻي جي پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ شاگرد سياست سان سندس عملي سياسي سفر شروع ٿيو، جتي هو شاگرد يونين جو صدر چونڊيو ويو. 1972ع ۾ شاگرد يونين جي صدر طور سنڌ جي حقن لاءِ هڪ تاريخي جلوس جي اڳواڻي دوران کيس سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ هو زخمي به ٿيو. پر سندس عزم ۾ ڪو به فرق نه آيو. اهوئي دور هو جنهن سندس سياسي مزاج کي وڌيڪ پختو ڪيو ۽ اڳتي هلي سندس سڄي زندگي سنڌ، پورهيتن ۽ اصولي سياست جي جدوجهد لاءِ وقف ٿي وئي. سائين جي.ايم. سيد جي فڪر سان وابستگي علي نواز ٻٽ جي سياسي زندگيءَ جي بنيادي سڃاڻپ بڻجي وئي. 1976ع ۾ هو جيئي سنڌ محاذ جي آرگنائيزر ڪميٽيءَ جو باني ميمبر بڻيو. قومي جدوجهد سان گڏ پورهيت طبقي جي تنظيم سازي سندس سياسي سفر جو اهم حصو رهي. 1975ع ۾ ڪي.ايس.سي ۾ ملازمت اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ به نوڪري سندس سياسي ۽ سماجي شعور کي محدود نه ڪري سگهي. هن ڪارخانن ۽ ادارن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي مسئلن کي ويجهڙائيءَ سان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ته پورهيتن جي جدوجهد رڳو پگهارن ۽ نوڪرين جو مسئلو ناهي، پر انساني عزت، حقن ۽ سماجي انصاف سان به ڳنڍيل آهي. ان احساس کيس پورهيتن جي منظم جدوجهد ڏانهن وڌايو. 1980ع ۾ سنڌي پورهيت سنگت سنڌ جو صدر بڻجڻ ڪانپوءِ لڳاتار اٺن سالن تائين هن پورهيت تنظيم سازيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. مختلف ادارن، شگر ملن، بجليءَ جي شعبي، مشين ٽول فيڪٽري، اسٽيل مل ۽ ڪپڙي جي ڪارخانن ۾ پورهيت سنگت جا يونٽ قائم ڪرڻ سندس وڏي تنظيمي ڪاميابي هئي. هن مزدورن کي رڳو احتجاج ۽ نعرابازيءَ تائين محدود نه رکيو پر کين قانوني، جمهوري ۽ منظم طريقي سان پنهنجا حق حاصل ڪرڻ، پنهنجي اجتماعي طاقت کي سمجهڻ ۽ استحصال خلاف منظم ٿيڻ جو شعور ڏنو. ڪي.ايس.سي مان برطرف ڪيل 203 ملازمن جي بحالي سندس پورهيت جدوجهد جو هڪ اهم باب آهي. انهن ملازمن جي بحاليءَ لاءِ هن مسلسل محنت ۽ تنظيمي جدوجهد ڪئي ۽ آخرڪار برطرف ٿيل ملازم ٻيهر روزگار تي بحال ٿيا. اها ڪاميابي رڳو 203 ملازمن جي نوڪرين جي بحالي نه هئي، پر انهن سان لاڳاپيل سوين گهرن جي چلهن کي ٻيهر ٻارڻ ۽ خاندانن کي اميد موٽائڻ جي جدوجهد هئي. علي نواز ٻٽ جي پورهيت سياست جي خاص ڳالهه اها هئي ته هن ٽريڊ يونين جدوجهد کي ذاتي مفاد، عهدي يا شهرت حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه بڻايو. هن پورهيت طبقي جي مسئلن کي سنڌ جي مجموعي سماجي ۽ قومي مسئلن سان ڳنڍي ڏٺو. ڪراچي جهڙي شهر ۾، جتي سنڌي پورهيتن لاءِ منظم سياسي ۽ سماجي جاءِ پيدا ڪرڻ هڪ ڏکيو ڪم هو اتي هن سنڌي مزدورن کي پورهيت سنگت جي پليٽفارم تي گڏ ڪيو ۽ انهن ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو. ان دور ۾ پورهيت سياست کي قومي سياست سان ڳنڍڻ سندس سياسي فڪر جو هڪ اهم پاسو هو. اسٽيل مل، گارمينٽس فيڪٽرين ۽ شگر ملن مان جبري طور نيڪالي ڏنل مزدورن جي حقن لاءِ به هو اڳين صفن ۾ بيٺل رهيو. سندس نظر ۾ مزدور رڳو انگ نه هئا؛ اهي سماج جو اهو طبقو هئا، جن جي محنت سان ڪارخانا هلن ٿا، شهر آباد ٿين ٿا ۽ معيشت جو ڦيٿو ڦري ٿو علي نواز ٻٽ جي زندگيءَ ۾ سندس ڪراچي واري اوطاق ۽ گلشن حديد واري ڪئمپ پڻ هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿي. اٺين ڏهاڪي ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ سخت سياسي ڇڪتاڻ، تشدد ۽ سنڌين لاءِ عدم تحفظ جون حالتون پيدا ٿيون، تڏهن سندس اوطاق ڪيترن ئي شاگردن، پورهيتن، مسافرن ۽ قومي ڪارڪنن لاءِ سهاري جو هنڌ بڻجي وئي. سنڌ جي مختلف علائقن مان ڪراچي ايندڙ ماڻهن لاءِ سندس اوطاق ڏهاڪن تائين پناهه، ساٿ ۽ مدد جي علامت رهي. سندس دروازو ڪنهن مخصوص ذات، علائقي يا گروهه لاءِ نه، پر ضرورت مند لاءِ کليل رهيو. سندس ساٿين جي لفظن ۾، ڪير به سندس اوطاق تان خالي هٿ واپس نه ويندو هو. اها سندس شخصيت جي ان انساني پاسي جي عڪاسي ڪري ٿي، جنهن سياست کي عوام کان پري رکڻ بدران عوام جي وچ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني. علي نواز ٻٽ کي پنهنجي نظرياتي وابستگيءَ جي قيمت به ادا ڪرڻي پئي. 1989ع ۾ جهنڊي واري ڪيس ۾ کيس سائين جي.ايم. سيد سان گڏ گرفتار ڪيو ويو. هن سکر ۽ خيرپور جي جيلن ۾ 14 مهينا سختيون برداشت ڪيون، پر پنهنجي فڪر ۽ نظريي سان ڪو به سمجهوتو نه ڪيو. جيل جون ديوارون، پابنديون ۽ سياسي دٻاءُ سندس سوچ کي قيد نه ڪري سگهيا. سندس زندگيءَ جو اهو باب ان ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿو ته اصولن جي ڳالهه ڪرڻ آسان آهي، پر انهن اصولن لاءِ پنهنجي آزادي، آرام ۽ ذاتي زندگيءَ جون قربانيون ڏيڻ ئي اصل امتحان هوندو آهي. جيئي سنڌ محاذ جي سياسي سفر ۾ به علي نواز ٻٽ جو ڪردار مسلسل نمايان رهيو جماعت جي ڏکين ۽ غيرفعال دورن ۾ به هن تنظيمي ڪم کان منهن نه موڙيو. سائين جي.ايم. سيد جا جنم ڏينهن هجن، شهيدن جا ڏينهن هجن يا قومي تحريڪ جا ٻيا پروگرام، انهن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هن ساٿين سان گڏ مسلسل محنت ڪئي. سندس سياسي سفر جو هڪ اهم سبق اهو آهي ته تحريڪون رڳو وڏن جلسن، تقريرن ۽ بيانن سان زنده نه رهنديون آهن؛ انهن کي زنده رکڻ لاءِ اهڙن خاموش، مسلسل ۽ بي لوث ڪارڪنن جي ضرورت هوندي آهي، جيڪي ڏکين حالتن ۾ به پنهنجو ڪم جاري رکن. علي نواز ٻٽ اهڙن ئي ڪردارن مان هڪ هو. سندس شخصيت جو هڪ ٻيو اهم پاسو سندس بي لوثي ۽ مهمان نوازي هو قومي تحريڪ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ساٿين لاءِ سندس اوطاق رهائش جي جاءِ نه، پر مشوري، بحث، ساٿ ۽ سهاري جو مرڪز هئي. هن پنهنجي ذاتي وسيلن ۽ وقت کي به ماڻهن لاءِ استعمال ڪيو. سندس ساٿين جو چوڻ آهي ته پورهيتن، شاگردن، غريبن ۽ بيوس ماڻهن لاءِ هو هميشه دسترس ۾ رهيو اهائي خوبي کيس رڳو هڪ سياسي اڳواڻ بدران ماڻهن جي وچ ۾ هڪ قابل اعتماد ساٿي بڻائيندي هئي. سندس وڇوڙي ڪانپوءِ سڄي سنڌ مان جيڪي جذبا سامهون آيا، اهي سندس ڏکي سياسي زندگيءَ جي اثر جو هڪ عڪس آهن. ڪراچي کان سندس مڙهه ميهڙ ڏانهن روانو ٿيو ته نوري آباد، ڄامشورو، سن، سيوهڻ، ڀان سيد آباد، دادو، ڪي. اين. شاهه ۽ ميهڙ سميت مختلف هنڌن تي قومي ڪارڪنن، ساٿين ۽ شهرين سندس مڙهه کڻندڙ قافلي تي گل نڇاور ڪري ڀيٽا پيش ڪئي. روڊن جي ٻنهي پاسن تي بيٺل ماڻهن سندس آخري سفر کي لڙڪن، سڏڪن ۽ نعرن سان الوداع چيو. سندس اباڻي ڳوٺ ٻٽ سرائي ۾ قومي ترانن ۽ جيئي سنڌ جي نعرن سان کيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. تدفين ۾ سڄي سنڌ مان قومپرست اڳواڻن، دوستن، ساٿين، اديبن، دانشورن ۽ قومي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جن ۾ جسقم بشيرخان جي سربراهه ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، جسم چيئرمين رياض چانڊيو، ايس يو پي جي مرڪزي نائب صدر روشن برڙو، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر برڪت جتوئي، ناميارا اديب ۽ دانشور تاج جويو، پنهل ساريو، پ پ اڳواڻ سردار احمد خان ٻٽ، مظهر ٻٽ، ڊاڪٽر آزاد قاضي، صوفي حضور بخش، خان محمد پيو، پروفيسر آدم ٻٽ، آزاد بخاري، غلام محمد غازي، بدر پيو، گوهر سنڌي، آزاد انور ڪانڌڙو، عمر سومرو، سراج ڪلهوڙو، سعيد پيو، سرائي امجد جهتيال، روشن ڪلهوڙو، غلام نبي ڏاهري، اصغر شاهه، ولي محمد سهرياڻي، ذوالفقار جهتيال، سرائي عزيز ڳوري، ظهير عباس پنهور، ذوالفقار جتوئي، شوڪت رند، ثناءَ جوڻيجو ۽ ٻين ڪيترن ئي اڳواڻن ۽ ساٿين جي شرڪت سندس سياسي ۽ سماجي لاڳاپن جي وسعت کي ظاهر ڪيو. سوشل ميڊيا تي سندس هڪ ساٿي پاران ڪيل اظهار به سندس ڪردار جي هڪ اهم تصوير پيش ڪري ٿو جنهن ۾ چيو ويو ته جيڪڏهن اهو سوال ڪيو وڃي ته مختلف رياستي ۽ سياسي دٻائن باوجود سنڌ ۾ قومي شعور اڄ به زنده ڇو آهي ته علي نواز ٻٽ جهڙن ڪردارن جو نالو ان جو هڪ جواب آهي. هن جي نظر ۾ علي نواز ٻٽ ٽريڊ يونين سياست کي ذاتي ڌنڌي بدران قومي خدمت ۽ عبادت جو درجو ڏنو. اها راءِ ڪنهن هڪ فرد جي جذبات تائين محدود نه ٿي سمجهي سگهجي، ڇاڪاڻ ته سندس ڏکي عملي زندگيءَ جا ڪيترائي واقعا ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته هن پورهيت تنظيم سازيءَ کي پنهنجي ذاتي مفاد بدران سماجي ۽ قومي خدمت جو ذريعو بڻايو. اڄ سنڌ کي پوئتي مڙي پنهنجي انهن ڪردارن کي ڏسڻ جي ضرورت آهي

علي نواز ٻٽ، جدوجهد، مستقل مزاجي ۽ اصول پسنديءَ جو وڇوڙو

سامي ميمڻ

سنڌ وطن جو سپاهي، پورهيتن جي حقن جو محافظ، دليلن سان ويڙهه ڪندڙ مزاحمتي اڳواڻ، مستقل مزاج ۽ اصولن تي بيٺل نظرياتي شخص علي نواز ٻٽ به اسان کان وڇڙي ويو.

منجهان منهنجي روح جي وڃي ساجن وسري، مر لڳيم لوهه تر ٻاٻيهو تي مران

سندس وڇوڙو رڳو سندس خاندان، دوستن ۽ ساٿين جو نقصان ناهي، پر سنڌ جي قومي، سياسي ۽ پورهيت جدوجهد جي هڪ اهڙي باب جو بند ٿيڻ آهي، جنهن کي پڙهڻ لاءِ ايندڙ نسلن کي سندس زندگيءَ، جدوجهد ۽ فڪر ڏانهن موٽڻو پوندو.

علي نواز ٻٽ 21 نومبر 1951ع تي دادو ضلعي جي تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ ٻٽ سرائي ۾ محمد پريل ٻٽ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس شروعاتي تعليم ڳوٺ مان ٿي، جڏهن ته مئٽرڪ ٿرڙي محبت مان پاس ڪيائين. ننڍپڻ کان ئي سماجي حالتن، ناانصافين ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي مسئلن کي سمجهڻ واري حساس ذهن رکندڙ علي نواز ٻٽ لاءِ تعليم رڳو روزگار حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه، پر سماج کي سمجهڻ ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جو رستو بڻجي وئي.

1970ع ڌاري لاڙڪاڻي جي پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ شاگرد سياست سان سندس عملي سياسي سفر جي شروعات ٿي، جتي هو شاگرد يونين جو صدر چونڊيو ويو. اهو دور سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ وڏي جاڳرتا جو دور هو. نوجوان علي نواز ٻٽ به ان سياسي لهر جو حصو بڻجي ويو ۽ اڳتي هلي سندس سڄي زندگي سنڌ، پورهيتن ۽ اصولي سياست جي جدوجهد لاءِ وقف ٿي وئي.

1975ع ۾ هن ڪي اي ايس سي ۾ ملازمت اختيار ڪئي. پر ملازمت سندس سياسي ۽ سماجي شعور کي محدود نه ڪري سگهي. نوڪريءَ سان گڏ هو پورهيتن جي مسئلن، حقن ۽ سندن تنظيم سازيءَ لاءِ سرگرم رهيو.

1976ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جي آرگنائيزر ڪميٽيءَ جو باني ميمبر بڻيو. ان دور ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ سان گڏ پورهيت طبقي کي منظم ڪرڻ سندس سياسي سفر جو اهم حصو بڻيو. جماعت جي حڪم تي هو پورهيت سنگت سان لاڳاپيل تنظيمي ذميوارين ۾ سرگرم ٿيو ۽ پورهيتن جي وچ ۾ وڃي سندن مسئلن کي سمجهڻ، کين منظم ڪرڻ ۽ حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ شروع ڪيائين.

1980ع ۾ هو سنڌي پورهيت سنگت سنڌ جو صدر بڻيو ۽ لڳاتار اٺ سال ان ذميواريءَ تي رهيو. اهو سندس سياسي زندگيءَ جو انتهائي اهم دور هو. سندس قيادت ۾ مختلف ادارن، شگر ملن، پاور سيڪٽر ۽ گارمينٽس فيڪٽرين ۾ پورهيت سنگت جا وڏي تعداد ۾ يونٽ قائم ڪيا ويا. هن مزدورن کي رڳو نعرا ڏيڻ بدران کين منظم ڪرڻ، پنهنجن حقن جي قانوني ۽ جمهوري جدوجهد ڪرڻ ۽ پنهنجي اجتماعي طاقت جو احساس ڏيارڻ تي زور ڏنو.

ڪي اي ايس سي مان برطرف ڪيل 203 ملازمن جي بحالي سندس پورهيت جدوجهد جو هڪ اهم باب آهي. انهن ملازمن جي بحاليءَ لاءِ هن مسلسل محنت، جدوجهد ۽ تنظيمي ڪوششون ڪيون ۽ آخرڪار برطرف ٿيل ملازم ٻيهر روزگار تي بحال ٿيا. اهو سندس لاءِ رڳو هڪ تنظيمي ڪاميابي نه، پر انهن 203 خاندانن جي چلهن کي ٻيهر ٻرڻ ۽ سندن گهرن ۾ خوشي موٽائڻ جي جدوجهد هئي. ڪي اي ايس سي ۾ ليبر يونين سان اتحاد ڪري هن ان وقت جي انتهائي مضبوط سياسي قوت ايم ڪيو ايم کي به تنظيمي ۽ پورهيت محاذ تي شڪست ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اسٽيل مل، گارمينٽس فيڪٽرين ۽ شگر ملن مان جبري طور نيڪالي ڏنل مزدورن جي حقن لاءِ به هو اڳين صفن ۾ بيٺل رهيو. مزدور سندس لاءِ رڳو انگ نه هئا؛ اهي سندس سياسي فڪر ۾ سماج جي ان طبقي جا نمائندا هئا، جنهن جي محنت سان ڪارخانا هلن ٿا، شهر آباد ٿين ٿا ۽ معيشت جو ڦيٿو ڦري ٿو.

علي نواز ٻٽ جي زندگيءَ ۾ قيد ۽ پابندين جا دور به آيا. 1989ع ۾ جهنڊي ڪيس ۾ کيس سينٽرل جيل سکر ۾ 14 مهينا قيد ڪاٽڻي پئي. پر جيل جون ديوارون به سندس سوچ ۽ نظريي کي قيد نه ڪري سگهيون. هو پنهنجي سياسي فڪر، قومي سوچ ۽ اصولن سان وڌيڪ مضبوط ٿي ٻاهر نڪتو. جيئي سنڌ محاذ جي سياسي سفر ۾ به علي نواز ٻٽ جو ڪردار نمايان رهيو. جماعت جي غيرفعال يا ڏکين دورن ۾ به هن پنهنجي جفاڪشيءَ سان تنظيمي ڪم جاري رکيو. شهيدن جا ڏينهن هجن، سائين جي.ايم. سيد جو جنم ڏينهن هجي يا قومي تحريڪ جا ٻيا پروگرام، انهن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هن ساٿين سان گڏ مسلسل محنت ڪئي.

1988ع ۾ جڏهن پورهيت سنگت ۽ ڊاڪٽر محمد عالم چانڊيو سميت ساٿي مرڪزي ذميوارين تي آيا، تڏهن به علي نواز ٻٽ جماعت جي تنظيمي ڪم ۾ پنهنجي روايتي جفاڪشيءَ سان مصروف رهيو. سندس هڪ وڏي خوبي اها هئي ته هو اڳواڻ هوندي به پاڻ کي عام ڪارڪن سمجهندو هو. هو حڪم ڏيڻ کان وڌيڪ پاڻ ڪم ڪرڻ تي يقين رکندو هو. تنظيم جو ڪم هجي، پورهيتن جو مسئلو هجي، سياسي بحث هجي يا ڪنهن ساٿي جي مدد ڪرڻي هجي، هو اڳين صفن ۾ نظر ايندو هو. علي نواز ٻٽ رڳو عملي جدوجهد ڪندڙ ماڻهو نه هو، پر پنهنجي تجربن ۽ سياسي سفر کي قلمبند ڪندڙ ليکڪ پڻ هو. هن پنهنجي سياسي ۽ قومي جدوجهد جي يادگيرين تي مشتمل ٽي اهم ڪتاب لکيا جن ۾

قومي سياسي جدوجهد جو اٿپورو جائزو
سيد جو سفر
قومي سياست جا لاها چاڙها

ان کان علاوه سندس سوين تحريرون ۽ سياسي مضمون مختلف هفتن تي شايع ٿيا. جڏهن ته سندس وڌيڪ لکڻيون ۽ ڪتاب اڻڇپيل صورت ۾ پڻ موجود آهن. سندس قلم به سندس جدوجهد جو هڪ مورچو هو.

ڪي اي ايس سي مان 2011ع ۾ اسسٽنٽ مئنيجر جي حيثيت سان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به سندس سياسي فڪر ۽ سماجي وابستگي ختم نه ٿي. البت ڊگهي سياسي جفاڪشي ۽ مسلسل جدوجهد جي نتيجي ۾ هو گهڻو ڪري بيمار رهڻ لڳو ۽ گهران گهٽ نڪرندو هو. زندگيءَ جي آخري دور ۾ جسم ساٿ گهٽ ڏنو پر ذهن، فڪر ۽ نظريو آخر تائين زنده رهيا. مون لاءِ علي نواز ٻٽ سان لاڳاپو رڳو سياسي سڃاڻپ تائين محدود نه هو. هڪ صحافي ۽ سياسي سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان ساڻس ڪيترين ئي ڪچهريون ٿيون. ڊگها سياسي بحث ٿيا، اختلافن تي بحث ٿيو ۽ سنڌ جي مستقبل، قومي سياست، پورهيتن جي مسئلن ۽ سماج جي تبديلين بابت گهڻو ڪجهه سکڻ جو موقعو مليو. مون کي علي نواز ٻٽ هميشه هڪ حقيقت پسند اڳواڻ لڳو. هو پنهنجي پسند جي ڳالهه ٻڌڻ بدران حقيقت کي ڏسڻ ۽ ان تي ڳالهائڻ کي ترجيح ڏيندو هو. سندس هڪ وڏي خوبي اها هئي ته هو پنهنجين ۽ پنهنجي پارٽيءَ جون ڪمزوريون به لڪائڻ کان نه ڪيٻائيندو هو. اصولي اختلاف هجن ته انهن کي دليريءَ سان بيان ڪندو هو. شايد اهوئي سبب هو جو ڪڏهن ڪڏهن ويجهن دوستن ۽ سياسي ساٿين کان به ڪنارا ڪش ٿي ويندو هو

پر اصولن تي بيهڻ جي اها عادت سندس ذاتي تعلقن ۾ نفرت جو سبب نه بڻجي. هو اختلاف رکندي به محبت قائم رکڻ ڄاڻندو هو. ان ڪري ئي هو مختلف سياسي، سماجي ۽ صحافتي حلقن جي محبتن جو محور رهيو. گلشن حديد ۾ پاڙيسري هجڻ ڪري ساڻس ملاقاتون به معمول جو حصو هيون. ڪڏهن گهر تي، ڪڏهن ايندي ويندي، ڪڏهن ڪنهن پروگرام ۾، ته ڪڏهن اوچتي ڪچهريءَ ۾ ملاقات ٿي ويندي هئي. تازو عوامي پريس ڪلب ملير ۾ ٿيندڙ هڪ پروگرام ۾ سندس طبيعت ٺيڪ نه هجڻ باوجود هو شريڪ ٿيو. جسماني ڪمزوريءَ جي باوجود هن تقرير ڪئي، پنهنجو سياسي نقطه نظر پيش ڪيو ۽ ساٿين سان ويهي ڪچهري ڪئي. ان ملاقات جو خيال هاڻي وڌيڪ دل کي ڇهندڙ محسوس ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪڏهن آخري ملاقات اسان کي خبر ئي نه هوندي آهي ته آخري ملاقات آهي. علي نواز ٻٽ جهڙا ماڻهو روز روز پيدا ناهن ٿيندا. اهي ماڻهو پنهنجي لاءِ نه، پر پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي اصولن لاءِ جيئندا آهن. سندن زندگيءَ ۾ آسائش کان وڌيڪ جدوجهد، خاموشيءَ کان وڌيڪ سوال، ۽ مصلحت کان وڌيڪ اصول اهم هوندا آهن. اڄ جڏهن علي نواز ٻٽ اسان جي وچ ۾ موجود ناهي، ته سندس جسماني وڇوڙي سان گڏ سندس آواز، سندس دليل، سندس ڪچهريون ۽ سندس سياسي سوال وڌيڪ شدت سان ياد اچن ٿا. اهڙا ماڻهو جسماني طور وڇڙي وڃن ٿا، پر سندن فڪر، سندن جدوجهد ۽ سندن لکيل لفظ ماڻهن جي ذهنن ۾ زنده رهندا آهن.

علي نواز ٻٽ جو وڇوڙو سنڌ جي قومي ۽ پورهيت جدوجهد جو هڪ وڏو نقصان آهي. پر سندس زندگي اسان کي اهو سبق ڏئي ٿي ته جدوجهد رڳو نعرو ناهي، جدوجهد هڪ مسلسل سفر آهي؛ جنهن ۾ اصولن تي قائم رهڻ، ڏکين وقتن ۾ ثابت قدم رهڻ ۽ پنهنجي ماڻهن جي حقن لاءِ بيهڻ ئي اصل ڪاميابي آهي.

سندس وڃڻ سان هڪ آواز خاموش ٿيو آهي، پر سندس ڇڏيل سوال اڃا زنده آهن. سندس ڪتاب، تحريرون، سياسي تجربا ۽ ساٿين سان گڏ هلندڙ ماڻهن جون يادون سندس موجودگيءَ جو احساس ڏيارينديون رهنديون.

علي نواز ٻٽ کي وسارڻ آسان ناهي، ڇو ته هو رڳو هڪ ماڻهو نه هو؛ هو هڪ دور جي جدوجهد، هڪ فڪر، هڪ مزاج ۽ اصولي سياست جي علامت هو. سندس جدوجهد کي سلام، سندس اصول پسنديءَ کي سلام، سندس پورهيت دوست ڪردار کي سلام ۽ سنڌ سان سندس عشق کي سلام.

اڄ هو اسان ۾ ناهي، پر سندس جدوجهد اسان جي يادگيرين، سندس لفظن ۽ سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ زنده رهندي.

سنڌ جي وحدت تي وار، هڪ تاريخي وطن کي ورهائڻ جي ناڪام ڪوشش.

بشير احمد نوحاڻي

نئينگ، نغاول سيوهڻ شريف

سنڌ رڳو نقشي تي ٺهيل هڪ صوبي جو نالو ناهي سنڌ هڪ تاريخ آهي هڪ تهذيب آهي پنهنجي هڪ ٻولي اٿس، هڪ ثقافت آهي، هڪ سڃاڻپ آهي ۽ صدين کان آباد هڪ تاريخي وطن آهي سنڌوءَ جي وهڪري سان گڏ جن ماڻهن پنهنجي وجود پنهنجي محنت ۽ پنهنجي ثقافت کي نسل در نسل زنده رکيو آهي انهن لاءِ سنڌ رڳو زمين جو ٽڪرو نه پر پنهنجي سڃاڻپ جو نالو آهي

اڄ جڏهن سنڌ جي وحدت بابت نوان سوال اٿاريا پيا وڃن ۽ سنڌ کي انتظامي بنيادن تي ورهائڻ يا نوان صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن تڏهن هڪ باشعور سنڌي لاءِ خاموش رهڻ آسان ناهي اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن آهي پر ڪنهن به تجويز جي پويان موجود مقصد ان جا اثر ۽ ان جي مستقبل جي نتيجن تي سنجيدگي سان سوچڻ به ضروري آهي.

سنڌ کي ورهائڻ جو سوال آخر ڇو؟

جيڪڏهن ڪنهن علائقي جي انتظامي مسئلن جو حل انتظامي سڌارن سان ممڪن آهي ته ان لاءِ تاريخي وحدتن کي ورهائڻ ئي واحد رستو آهي؟ جيڪڏهن مسئلو حڪمراني، وسيلن جي ونڊ ورڇ، روزگار، تعليم، صحت، روڊن، پاڻي يا ترقيءَ جو آهي ته انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ بهتر حڪمراني مضبوط مڪاني ادارا شفاف نظام ۽ وسيلن جي ونڊ ورڇ جي ضرورت آهي

سنڌ جي مسئلن جو حل سنڌ کي ٽوڙڻ نه پر سنڌ جي ادارن کي مضبوط ڪرڻ آهي

سنڌ جي هر شهر هر ڳوٺ ۽ هر علائقي جي ترقي ضروري آهي ڪراچي هجي يا ڪشمور، سيوهڻ هجي يا سکر، حيدرآباد هجي يا ٿر، بدين هجي يا دادو هر علائقو سنڌ جي وجود جو حصو آهي ڪنهن هڪ علائقي جي محروميءَ کي بنياد بڻائي پوري تاريخي وحدت جي وجود تي سوال اٿارڻ مناسب رستو ناهي

سنڌي قوم جي تاريخ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي

سنڌي ماڻهن جي سڃاڻپ هزارين سالن جي تاريخ سان ڳنڍيل آهي موهن جي دڙي کان وٺي سنڌوءَ جي تهذيب تائين عربن جي آمد کان وٺي سمن، سومرن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور تائين سنڌ پنهنجي الڳ تاريخي ۽ ثقافتي سڃاڻپ رکي ٿي.

سنڌي ٻولي هن ڌرتيءَ جي قديم ثقافتي ورثي جو اهم حصو آهي سنڌي ادب شاعري، موسيقي، لوڪ ڪهاڻيون صوفي روايتون ۽ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جون روايتون سنڌي سڃاڻپ کي مضبوط ڪن ٿيون

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست ۽ سامي جهڙن شاعرن سنڌ جي روح کي لفظ ڏنا انهن جي فڪر ۾ محبت انسانيت، رواداري ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان وابستگي جو پيغام ملي ٿو

انهيءَ ڪري سنڌ کي رڳو انتظامي يونٽ سمجهڻ تاريخ جي هڪ وڏي حقيقت کي نظرانداز ڪرڻ برابر آهي

اختلاف هجن پر سنڌ دشمن سوچ نه هجي

سنڌ اندر مختلف سياسي سماجي ۽ لساني سوچون موجود آهن جمهوريت ۾ هر ماڻهو کي پنهنجي راءِ رکڻ جو حق آهي ڪنهن کي اگر ڪو نئون صوبو گهرجي ته اسين سنڌي ان کي پنهنجي راءِ رکڻ به نه ڏينداسين.

اگر ڪنهن کي انتظامي تبديلي گهرجي ته هو ان بابت ڳالهائي سگهي ٿو.

پر ساڳئي وقت سنڌ جي عوام کي به اهو حق حاصل آهي ته هو سنڌ جي وحدت بابت پنهنجي راءِ واضح نموني پيش ڪن.

سنڌ جي ماڻهن کي اهو طئي ڪرڻ جو حق آهي ته هو پنهنجي تاريخي وطن جي وحدت کي برقرار رکڻ چاهين ٿا.

اهو سوال ڪنهن هڪ جماعت، هڪ پارٽي يا هڪ طبقي جو سوال ناهي اهو سنڌ جي مستقبل سان لاڳاپيل سوال آهي

ڪراچي سنڌ آهي انهن کي هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ بيهارڻ درست ناهي

سنڌ جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي بابت مختلف سياسي بحث ٿيندا رهيا آهن ڪراچيءَ جا مسئلا حقيقت آهن ۽ انهن کي حل ڪرڻ گهرجي شهر کي بهتر انفراسٽرڪچر، صاف پاڻي، مضبوط ٽرانسپورٽ، صحت، تعليم، روزگار ۽ بهتر مڪاني حڪمراني جي ضرورت آهي

پر ڪراچيءَ جي مسئلن جو حل سنڌ کي ورهائڻ سان بلڪل به ناهي

ڪراچي سنڌ جي معاشي ۽ شهري زندگيءَ جو اهم حصو آهي جڏهن ته سنڌ جا ٻيا علائقا به پنهنجي وسيلن ثقافت ۽ تاريخ سان سنڌ جو حصو آهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ اندر هڪ ٻئي جي مخالف طور پيش ڪرڻ بدران سنڌ جي ترقيءَ کي مجموعي ترقي سان ڳنڍيو وڃي

جيڪڏهن سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي وحدت يا نون صوبن بابت بحث ٿئي ٿو ته اهو بحث سنڌ ڪڏهن به قبول نه ڪندي

سنڌ جي ورهاست جهڙو حساس معاملو جذباتي نعرن سان نه پر عوام جي واضح راءِ ۽ وسيع اتفاق سان ڏسڻ گهرجي

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انتظامي يونٽ ٺاهيا ۽ تبديل ڪيا ويندا آهن پر هر ملڪ جي تاريخ آبادي، ثقافت ۽ سياسي حالتون مختلف هونديون آهن

صرف اهو چوڻ سان ته نئون صوبو ٺهندو ته مسئلا حل ٿي ويندا اهو حل بلڪل به ناهي.

سوال اهو هجڻ گهرجي ته ڇا نئون صوبو واقعي عام ماڻهوءَ جي زندگي بهتر ڪندو؟ ڇا تعليم، صحت ۽ روزگار وڌندا؟ ڇا ڪرپشن گهٽ ٿيندي؟ ڇا وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ٿيندي؟ ڇا عام ماڻهوءَ کي انصاف جلدي ملندو؟ ڇا غربت گهٽ ٿيندي؟

جيڪڏهن انهن سوالن جا واضح جواب موجود ناهن ته پوءِ صرف نقشي تي نئين لڪير ڪڍڻ کي ترقي جو نالو نٿو ڏئي سگهجي.

سنڌ جي وسيلن تي سنڌ جي عوام جو حق آهي ۽ هميشه رهندو

سنڌ قدرتي وسيلن سان مالا مال سرزمين آهي تيل، گئس، ڪوئلو، پاڻي، زراعت، سامونڊي پٽي ۽ ٻين وسيلن جي موجودگي باوجود سنڌ جا ڪيترائي علائقا بنيادي سهولتن کان محروم آهن

سنڌ جي ماڻهن جو اصل سوال اهو آهي ته اسان جي وسيلن مان اسان جي عوام کي ڇا ملي رهيو آهي؟

ڳوٺن ۾ اسڪول نه هجن اسپتالن ۾ سهولتون نه هجن پيئڻ جو صاف پاڻي موجود نه هجي نوجوان بيروزگار هجن ۽ روڊ تباهه هجن ته پوءِ نئين صوبي جي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ انهن بنيادي مسئلن جو حل ڳولڻ گهرجي

سنڌ کي ورهائڻ بدران سنڌ جي وسيلن اختيارن ۽ ترقيءَ جي منصفاڻي ورڇ جو نظام ٺاهيو وڃي.

سنڌ جي وحدت نفرت جو نعرو ناهي

سنڌ جي وحدت جي ڳالهه ڪرڻ ڪنهن قوم ڪنهن زبان يا ڪنهن برادريءَ خلاف ڳالهائڻ ناهي.

سنڌ جي وحدت جو مطلب آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهو برابر عزت، حق ۽ تحفظ سان زندگي گذاري.

سنڌي هجي، ڊراوڙ سنڌي يان اردو ڳالهائيندڙ سنڌي هجي پنجابي، پشتون، بلوچ يا ڪنهن به ٻولي ۽ ثقافت سان تعلق رکندڙ جيڪو سنڌ ۾ رهي ٿو اهو پاڻ کي سنڌي سمجهي ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازش تي پنهنجو واضح موقف اختيار ڪري ته اسان سنڌ جي وحدت تي وار ڪڏهن به برداشت نه ڪنداسين. ڇو ته سنڌ جي صوفي روايت هميشه انسان کي انسان سمجهڻ سيکاريو آهي

انهيءَ ڪري سنڌ جي وحدت جو تحفظ نفرت سان نه پر محبت، برابري، انصاف ۽ جمهوريت سان ٿيڻ گهرجي

اڄ ته سنڌ کي ورهائڻ بدران سنڌ کي سنوارڻ جي ڳالهه ڪريون

سنڌ کي اڄ ورهائڻ کان وڌيڪ سنوارڻ جي ضرورت آهي

اسان کي اهڙي سنڌ گهرجي جتي هر ٻار کي معياري تعليم ملي

اهڙي سنڌ گهرجي جتي مريض کي علاج لاءِ پريشان نه ٿيڻو پوي

اهڙي سنڌ گهرجي جتي نوجوان ڊگري وٺڻ کان پوءِ روزگار لاءِ در در نه ڀٽڪندا رهن

اهڙي سنڌ گهرجي جتي هاري پنهنجي فصل جو مناسب اگهه حاصل ڪري

اهڙي سنڌ گهرجي جتي شهرن ۾ صاف پاڻي نيڪال، ٽرانسپورٽ ۽ بهتر روڊ هجن.

اهڙي سنڌ گهرجي جتي عورتن ۽ ٻارن کي تحفظ حاصل هجي

اهڙي سنڌ گهرجي جتي قانون طاقتور ۽ ڪمزور لاءِ هڪجهڙو هجي

اهڙي سنڌ گهرجي جتي ڪرپشن بدران ميرٽ هجي.

اهي آهن سنڌ جا اصل مسئلا

۽ انهن مسئلن جو حل سنڌ کي ورهائڻ ۾ نه پر سنڌ کي مضبوط ڪرڻ ۾ آهي

سنڌ جي وحدت ڪنهن هڪ ڏينهن جي پيداوار ناهي جنهن کي ڪنهن حڪومتي فيصلي سان ختم ڪري سگهجي. هيءَ وحدت تاريخ ثقافت ٻولي، ادب سماجي رشتن ۽ صدين جي گڏيل زندگيءَ مان جنم ورتو آهي.

سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ بابت راءِ رکڻ جو مڪمل حق رکن ٿا جيڪڏهن سنڌ جي وحدت بابت ڪو به وڏو فيصلو ٿيڻ وارو آهي ته ان ۾ سنڌ جي عوام جي آواز کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي

سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڳالهيون ڪرڻ کان اڳ سنڌ جي عوام جي ردعمل جو انتظار ڪيو ڪٿي ايئن نه ٿئي جو سنڌ کي ٽوڙڻ وارن اوهان جو وجود ئي ختم نه ٿي وڃي.

سنڌ جي ترقيءَ جو رستو سنڌ جي وحدت مان گذري ٿو

اسان کي نيون سرحدون نه نوان اسڪول گهرجن

اسان کي نوان نقشا نه نيون اسپتالون گهرجن

اسان کي نوان صوبا نه پر نوان روزگار جا موقعا گهرجن

اسان کي ورهاست نه ترقي گهرجي.

ڇو ته سنڌ صرف زمين جو نالو ناهي.

سنڌ اسان جي تاريخ آهي، سنڌ اسان جي سڃاڻپ آهي، سنڌ اسان جو ورثو آهي ۽ سنڌ جي وحدت اسان جي گڏيل ذميواري آهي

بقايا 01 ***

ته وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ڪرغزستان وچ ايشيا ۾ پاڪستان جو اهم ڀائيوار آهي، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري لنگهه جو معاهدو هڪ سنگِ اڳيرائي آهي، معاهدن ۽ مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ٻطرفي تعاون کي فروغ جي هڪ نئين دور جي شروعات آهي، موجوده ٻطرفي واپاري ماپي کي ايندڙ ٻن سالن ۾ 16 ملين ڊالر کان 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جو عزم رکون ٿا، ڪاسا 1000 منصوبي جو بروقت مڪمل ٿيڻ ضروري آهي، دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ ٻين جديد خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تعاون وڌائينداسين. ڪرغزستان جي صدر صادر ژاپاروف ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اعليٰ سطحي رابطن ۽ گڏيل لاڳاپن کي نئين سطح تي وٺي وڃڻ جي گڏيل عزم جو اظهار ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سيڙپڪاري جا وڏا موقعا موجود آهن. پاڪستان دواسازي، زراعت، توانائي، نئين مشينري، سياحت، ڊجيٽل معيشت، ورچوئل اثاثن ۽ ٻين شعبن ۾ گڏيل منصوبن تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. هنن اهڙن خيالن جو اظهار اربع ڏينهن هتي پاڪستان ۽ ڪرغزستان جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون جي فروغ جي لاءِ معاهدن جي دستاويزن جي ڏي وٺ جي تقريب جي موقعي تي هڪ گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته جبلن ۾ گهيريل شهر بشڪيڪ ۾ موجودگي تي خوشي آهي، پرخلوص ۽ فراخدلاڻي ميزباني تي ڪرغزستان جي صدر ژاپاروف ۽ ڪرغز عوام جا ٿورائتا آهيون. ڪرغزستان جي عوام کي پاڪستان جي عوام پاران آزادي جي ڏهاڙي ۽ نوميڊ گيمز جي ميزباني تي دلي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا، مون کي به افتتاحي تقريب ۾ شرڪت جو موقعو مليو. پاڪستان به انهن رانڌين ۾ حصو وٺي رهيو آهي. وزيراعظم ڪرغزستان کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو 28-2027ع جي لاءِ غيرمستقل ميمبر چونڊجڻ ۽ شنگهائي تعاون تنظيم جي ڪامياب چيئرمين شپ تي پڻ مبارڪباد ڏني. وزيراعظم چيو ته نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ سندس ٽيم ڪرغزستان جي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي غيرمستقل ميمبر جي چونڊ جي لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون، ڪرغزستان جي صدر جي قيادت ۾ ملڪ جي شاندار ترقي کان تمام گهڻو متاثر ٿيا آهيون ۽ ڪرغزستان متاثر ڪندڙ اقتصادي هدف حاصل ڪيا آهن ۽ ان ترقي کي عوامي خدمت جو دائرو وسيع ڪرڻ ۽ ڪمزور طبقن جي لاءِ سهولتن جي فراهمي جي ذريعي زندگي جي بهتر معيار ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ بامقصد قدم کنيا آهن. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ڪرغزستان سان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعاون جي فروغ ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دوستي کي مضبوط بڻائڻ جو خواهشمند آهي جيڪو قومن جي وچ ۾ امن ۽ تعاون جي حوالي سان اسان جو گڏيل مقصد آهي، ان سلسلي ۾ اڄ اسان جي انتهائي تعميري ۽ مفيد ڳالهه ٻولهه ٿي آهي جنهن ۾ واپاري لاڳاپن جي فروغ تي ڌيان ڏنو ويو. جنهن ڪانپوءِ ٻطرفي تعاون ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي رابطن جي فروغ جي لاءِ مختلف ايم او يوز تي صحيحون ڪيون ويون آهن. وزيراعظم چيو ته اقتصادي شعبي ۾ تعاون اسان جي ڳالهه ٻولهه جو محور هو پاڪستان ڪرغزستان سان پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ چاهي ٿو. اسان ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو آهي

بقايا 02 ***

۾ آلا آرچا نيشنل پارڪ جو دورو ڪيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر صادر ژاپاروف ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي آلا آرچا نيشنل پارڪ اچڻ تي آجيان ڪئي وئي ۽ انهن کي ڪرغزستان جي ثقافت ۽ روايتن بابت ٻڌايو ويو. دوري دوران وزيراعظم کي ڪرغزستان جي ثقافت ۽ ان سان واڳيل مختلف روايتي سرگرمين، ثقافتي رقص ۽ ٻين روايتي فنون جو مظاهرو پيش ڪيو ويو. وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪرغز عوام جي شاندار ثقافتي روايتن ۽ صدين تي ٻڌل ورثي ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو. وزيراعظم روايتي گهوڙ سواري، بازن ذريعي شڪار ۽ ٻين ثقافتي سرگرمين جو مشاهدو ڪيو. وزيراعظم ڪرغزستان جي ثقافتي روايتن کي ساراهه جوڳو قرار ڏيندي ٻنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ تاريخي، ثقافتي ۽ پائدارئي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو.

بقايا 03 ***

، جنهن دوران قومي ۽ موجوده سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته محسن نقوي صدر کي اهم پيغام پڻ پهچايو. ذريعن موجب، صدر آصف علي زرداري ۽ محسن نقوي وچ ۾ ملاقات لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ جاري رهي، جنهن دوران ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ون آن ون ملاقات پڻ ٿي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ملاقات ۾ اهم قومي ۽ موجوده سياسي معاملن، خاص طور نون صوبن بابت جاري بحث تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. صدر آصف علي زرداري مختلف قومي معاملن ۽ نون صوبن بابت پنهنجي موقف تي قائم رهڻ جو پيغام ڏنو. ذريعن موجب، صدر چيو ته قومي مفاد ۾ سمورين ڌرين کي گڏجي اڳتي وڌڻو پوندو، جڏهن ته قومي اتفاقِ راءِ کانسواءِ ڪنهن به مسئلي جو پائيدار حل ممڪن ناهي. واضح رهي ته صدر آصف علي زرداري هن وقت لنڊن ۾ موجود آهي، جتي ٻن هفتن تائين سندس برطانيا ۾ رهڻ جو امڪان آهي.

بقايا 04 ***

ورو ڪيو اربع ڏينهن آتابيئت پهچڻ تي وزيراعظم جو استقبال ڪرغزستان جي فرسٽ نائب وزيراعظم دانيار امان گيلديئيف ۽ ثقافت، اطلاعات ۽ نوجوانن واري وزير ميربيڪ مامبيتاليئيف ڪيو وزيراعظم آتابيئت ۾ مشهور اديب چنگيز ايتماتوف جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه پڙهي. چنگيز ايتماتوف ناليوارو ڪرغز ۽ سوويت ليکڪ آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف آتابيئت يادگار ڪمپليڪس ۾ يادگار تي گلن جي چادر به چاڙهي ۽ اتي دفن ٿيل ماڻهن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. آتابيئت يادگار ڪمپليڪس هڪ اهم قومي ۽ تاريخي يادگار ماڳ ۽ قبرستان آهي. آتابيئت جو مطلب "اسان جي ابن ڏاڏن جي قبر" آهي، ان ماڳ تي ڪرغزستان جي ڪيترن ئي مشهور شخصيتن جون قبرون آهن.

بقايا 05 ***

ر انهن چيني مافيا لاءِ ٽيڪس کي صفر ڪري ڇڏيو آهي. جماعت اسلامي جي تحريڪ ۾ سڀئي مخالف پارٽيون گڏ آهن. هن چيو آهي ته هي تحريڪ گهٽي سطح تي اڳتي وڌي رهي آهي، بجلي تي گنجائش جي ادائيگي ۽ مقرر ڪيل چارجز عوام تي بار آهن. ڪجهه آءِ پي پيز کي 1,700 ارب رپيا ادا ڪيا ويا آهن، اهو عوام تي ٽيڪس آهي، جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم چيو ته دنيا ۾ انتظامي ضرورت جي ڪري نوان صوبا ٺهن ٿا، صوبن جي جوڙجڪ عوامي راءِ ۽ آئين جي مطابق هجڻ گهرجي، پر ايم ڪيو ايم 40 سالن کان نورا ڪشتي ڪري رهي آهي.

بقايا 06 ***

ملندي، ايراني هٿياربند فوجن جي لوهي مرضي جي اڳيان آمريڪا کي ڪجهه به نه بچائي سگهندو آمريڪي فوجي اڏن جي ميزباني ڪندڙ عرب ملڪن کي پنهنجي سرزمين تان آمريڪي فوجن کي ڪڍڻ گهرجي: ايراني ڪمانڊر ايراني انقلابي گارڊز فورس جي سياسي ڊپٽي سربراهه، برگيڊيئر جنرل يدالله جواني، چيو ته آمريڪي فوجي اڏن جي ميزباني ڪندڙ عرب ملڪن کي آمريڪي فوجن کي پنهنجي سرزمين تان ڪڍڻ گهرجي. جنرل يدالله جواني چيو ته ايران خطي ۾ هر ان هنڌ کي نشانو بڻائيندو جتان ايران خلاف جارحيت ٿيندي. مون کي پرواه ناهي ته ايران ڪو بيڪار معاهدو ڪري ٿو: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چوي ٿو ته مون کي پرواه ناهي ته ايران ڪو بيڪار معاهدو ڪري ٿو سماجي سچائي تي پنهنجي بيان ۾، ڊونلڊ ٽرمپ لکيو ته هو ايران کي ڳالهين جي ميز تي دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش نه ڪري رهيو آهي، مون کي پرواه ناهي ته ايران ڪو بيڪار معاهدو ڪري ٿو هن چيو ته مون کي موجوده صورتحال وڌيڪ پسند آهي، اسان جو آبنائ هرمز تي مڪمل ڪنٽرول آهي، ايران جي معيشت تباهي ڏانهن وڌي رهي آهي، ايران پنهنجي ناگزير انجام کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، ايراني عوام آخرڪار ڪڏهن اٿي بيهندا ۽ وڙهندا؟ آمريڪا پاران ايران خلاف حملي جي نئين مرحلي جي مڪمل ٿيڻ جو اعلان آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽ ڪام) چيو آهي ته آمريڪا ايران خلاف حملي جو هڪ نئون مرحلو مڪمل ڪيو آهي. سينٽ ڪام جي مطابق، آمريڪي فوجن ايراني انقلابي گارڊ ڪور جي مختلف هدفن کي نشانو بڻايو، جن ۾ هوائي دفاعي تنصيب، ريڊار سسٽم، بحري اثاثا، فوجي تنصيب، بارودي سرنگون لڳائڻ جي صلاحيت ۽ مواصلاتي مرڪز شامل آهن. آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ چيو ته اهي حملا انقلابي گارڊ ڪور پاران آبنائ هرمز ۾ تجارتي جهازن ۽ آمريڪي فوجي اهلڪارن تي حملي جي تازين ڪوششن جي جواب ۾ ڪيا ويا. ايران پاران بحرين ۾ آمريڪي بيس تي ڊرون حملي جو دعويٰ ايراني فوج دعويٰ ڪئي آهي ته هن بحرين ۾ شيخ عيسيٰ ايئربيس ۽ انهن علائقن تي ريڊار تنصيب کي نشانو بڻايو آهي جتي ان جو خيال آهي ته آمريڪي فوجي ڊرون حملن سان تعينات آهن. ايراني نيوز ايجنسي تسنيم جي مطابق، فوج هڪ بيان ۾ چيو آهي ته اهي حملي فوجي مهم "آپريشن ٿنڊر" جي 29 هين مرحلي جو حصو هئا. ايراني فوج موجب، شيخ عيسيٰ ايئر بيس خليج ۾ هڪ اهم آمريڪي بيس آهي، جتي هيلي ڪاپٽر جي مرمت، ڊرون جي پرزن ۽ جاسوسي جهازن سان لاڳاپيل سرگرميون ڪيون وينديون آهن. ايراني فوج وڌيڪ ڌمڪي ڏني ته مستقبل ۾ وڌيڪ حملن جو جواب تباهي ڪندڙ ۽ وسيع جواب ڏنو ويندو.

بقايا 07 ***

ڀرائي ضروري آهي. آءِ ايس پي آر پاران جاري ڪيل بيان موجب پاڪستان نيوي جي ڪراچي ۾ ميجر ميري ٽائم ايڪسرسائز سي اسپارڪ 2026ع شروع ٿي وئي آهي، جنهن دوران پاڪ نيوي پنهنجي جنگي تياري ۽ آپريشنل صلاحيت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف مشق جي افتتاحي بريفنگ جي صدارت ڪئي، جڏهن ته پاڪ فوج جي مختلف شعبن جا سينئر آفيسر به ساڻس گڏ موجود هئا. مشق دوران پاڪ نيوي کي روايتي ۽ ايرندڙ سامونڊي خطرن خلاف جنگي تياري جي سخت جانچ واري عمل مان گذاريو پيو وڃي. مشق ۾ سامونڊي جهازن، آبدوزن، جهازن، پائيليٽ کانسواءِ نظام، ميرينز اسپيشل فورسز سميت پاڪ فوج ۽ پاڪ نيوي جي گڏيل وسيلن کي مربوط ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ چيف آف دي نيول اسٽاف پاڪ نيوي جي فليٽ يونٽس جو پڻ دورو ڪيو ۽ جاري آپريشنز جو جائزو ورتو. آفيسرن ۽ جوانن کي خطاب ڪندي هن چيو ته ٽنهي هٿياربند فوجن وچ ۾ وڌيڪ اشتراڪ ۽ انضمام، حالتن موجب پاڻ کي بدلائڻ، زميني ۽ معلوماتي شعبن ۾ اڳڀرائي ضروري آهي. مشق سي اسپارڪ 2026ع جو مقصد ملٽي ڊومين آپريشنز جي مشق ڪرڻ آهي، جنهن سان سامونڊي، فضائي، زميني، سائبر ۽ خلائي صلاحيتن کي مربوط ڪيو پيو وڃي. ان سان گڏوگڏ انفارميشن انوائرنمنٽ ۾ آپريشنز تي پڻ ڌيان ڏنو پيو وڃي ته جيئن سمنڊ ۾ جاري فعال ڪارروائين سان گڏ هم آهنگي برقرار رکندي معلوماتي جنگ جي ميدان ۾ پڻ فيصلو ڪندڙ سرسي حاصل ڪري سگهجي.

بقايا 08 ***

آمدني واري طبقي کي ڇت فراهمي ۽ معاشي سرگرمين کي تيز ڪرڻ لاءِ وزيراعظم اپنا گهر پروگرام تيزي سان ڪاميابي جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي. هاڻي اهو پروگرام هڪ ڪٽنب لاءِ ڇت، ڪاروبار لاءِ منافعي، مزدورن لاءِ روزگار ۽ گڏيل طور تي پاڪستان لاءِ پائيدار ۽ جامع معاشي ترقي جو ضامن بڻجي چڪو آهي. "ايڪس" تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته جون 2026ع کان پوءِ ان اسڪيم تحت هائوسنگ فنانسنگ جي فراهمي ۽ تعميراتي شعبي ۾ تاريخي اڳڀرائي ڏسڻ ۾ آئي آهي جنهن ملڪ جي انتظامي منظرنامي کي نئون رخ ڏنو آهي ۽ صرف ٻن مهينن جي مختصر عرصي ۾ پروگرام تحت قرضن جي منظوري ۽ رقم جي ادائگين ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. هن چيو ته هن وقت تائين 8 هزار 600 کان وڌيڪ ڪٽنبن کي قرض ڏئي چڪا آهيون. عملي طور تي هائوسنگ جي شعبي ۾ منتقل ٿيل رقم 118 سيڪڙو جي اضافي سان 45 ارب روپين تائين پهچي چڪي آهي جيڪا سڌي ريت تعميراتي ڪمن لاءِ استعمال ٿي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته تعميراتي شعبي جي ان لهر سان ملڪ جون ننڍي ۽ وچولي طبقي جون صنعتون سرگرم ٿيون آهن جنهن سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيا آهن. هن چيو ته اهو پروگرام هاڻي هڪ ڪٽنب لاءِ ڇت، ڪاروبار لاءِ منافعي ۽ مزدورن لاءِ روزگار ۽ گڏيل طور تي پاڪستان جي پائيدار ۽ جامع معاشي ترقي جو ضامن بڻجي چڪو آهي.

بقايا 09 ***

ائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ 27_2026ع جي صدارت سنڀالڻ تي قوم کي مبارڪون ڏيندي ان کي هڪ اهم سفارتي ڪاميابي ۽ پوري قوم لاءِ فخر جوڳو قرار ڏنو آهي. اربع ڏينهن قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب اسپيڪر سردار اياز صادق چيو ته پاڪستان جو خطي جي اهم تنظيم شنگهائي تعاون تنظيم جي صدارت سنڀالڻ ۽ لاهور کي 27_2026ع لاءِ ايس سي او جو سياحتي ۽ ثقافتي گادي وارو هنڌ قرار ڏيڻ عالمي برادري جو پاڪستان تي وڌندڙ اعتماد جو ثبوت آهي. هن چيو ته هي سفارتي ڪاميابيون پاڪستان جي سفارتي ميدان ۾ ايرندڙ سڃاڻپ ۽ عالمي برادري جي وڌندڙ اعتماد جو دليل آهن. اسپيڪر سردار اياز صادق، وزيراعظم محمد شهباز شريف جي مدبرانه قيادت ۽ فعال سفارتڪاري کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته وزيراعظم جي قيادت ۽ متحرڪ سفارتي ڪوششون عالمي سطح تي پاڪستان جي مقام ۽ وقار کي مستحڪم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسپيڪر، وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي گڏيل سفارتي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته مڪ معاهدي تحت قائم اسٽريٽجڪ پوليٽيڪل اينڊ ڊفينس ڪميٽي طرفان مڪ جوائنٽ ڊفينس ايگريمنٽ سيڪريٽريٽ جي پهرئين سيڪريٽري جنرل طور پاڪستان مان ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرري جو فيصلو عالمي سطح تي پاڪستان جي قيادت تي اعتماد جو اظهار آهي. هن چيو ته هي فيصلو مسلمان ملڪن وچ ۾ اجتماعي دفاعي ۽ سلامتي جي شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي موثر ۽ تعميري ڪردار جو اعتراف به آهي. اسپيڪر چيو ته پاڪستان جي ايس سي او صدارت جو موضوع ويزن کي عملي جامو پارائڻ، رابطن کي هٿي ڏيڻ، جدت ۽ گڏيل خوشحالي ميمبر ملڪن وچ ۾ گڏيل امنگن کي عملي تعاون ۾ بدلائڻ جي پاڪستان جي عزم جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو هن چيو ته ايس سي او جي صدارت پاڪستان کي علائقائي تعاون، امن، رابطاسازي، جدت ۽ گڏيل خوشحالي کي هٿي ڏيڻ ۾ موثر ۽ قائدانو ڪردار ادا ڪرڻ جو اهم موقعو فراهم ڪندي. اسپيڪر وڌيڪ چيو ته 2027ع ۾ اسلام آباد ۾ پاڪستان جي ميزباني ۾ منعقد ٿيندڙ ايس سي او ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ سربراهي اجلاس پاڪستان جي مهمانوازي، سفارتي صلاحيتن ۽ علائقائي امن، رابطا سازي ۽ پائيدار ترقي لاءِ پاڪستان جي پختي عزم کي دنيا آڏو اجاگر ڪرڻ جو هڪ تاريخي موقعو فراهم ڪندو.

بقايا 10 ***

ينڊڙ عالمي واپاري نمائش فوڊ آفريڪا قاهره 2026ع ۾ شرڪت لاءِ درخواستون 6 سيپٽمبر تائين جمع ڪرائي سگهجن ٿيون. ٽي ڊي اي پي موجب نمائش مصر جي عالمي نمائشي مرڪز ۾ 7 کان 10 ڊسمبر تائين منعقد ڪئي ويندي جنهن ۾ ايگرو ۽ فوڊ پراڊڪٽس سان لاڳاپيل ماڻهو ۽ ادارا پنهنجون مصنوعات عالمي خريدارن سامهون پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ واپاري معاملا پڻ طئي ڪري سگهندا. نمائش جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل اٿارٽي جي ويب سائيٽ تان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 11 ***

تعليمي ادارن ۾ داخلا ڏيڻ کان روڪيو ويندو هو سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي هير سوهو چيو ته ڪراچي ۾ مضافاتي علائقا قائم ڪيا ويا ۽ ملير، ڪياماڙي سميت ڪراچي جي چوڌاري موجود سنڌي علائقن کي مضافاتي علائقن ۾ شامل ڪيو ويو. هن چيو ته سنڌي آفيسرن لاءِ به ڪراچي ۾ اچڻ ۽ مقرري جا رستا بند ڪيا ويا هئا، جڏهن ته سنڌ جي مختلف ضلعن مان آفيسرن کي ڪراچي ۾ مقرر نه ڪرڻ جون پاليسيون اختيار ڪيون ويون. هير سوهو چيو ته اهي ئي قدم هئا، جن ذريعي تعصب کي هٿي ڏني وئي، جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ سنڌ خلاف ڪنهن به قسم جو تعصب موجود ناهي. هن چيو ته ايترا سال گذرڻ باوجود جيڪڏهن پاڻ کي "مهاجر" سڏيو وڃي ٿو ته پوءِ اهو سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته مهاجر ڪٿي رهي ٿو ۽ ڪهڙي زندگي گذاري ٿو. هير سوهو وڌيڪ چيو ته هن دنيا ۾ جيڪا زندگي ڏٺي ۽ پڙهي آهي، ان ۾ مهاجر اهڙي زندگي نٿا گذارين، جهڙي زندگي بابت هتي دعوائون ڪيون وڃن ٿيون. هن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ اسيمبلي ۾ سندن هڪ ميمبر "پناهگير" جو لفظ استعمال ڪيو، پر اسان پنهنجي واتان ڪڏهن به "پناهگير" جو لفظ ناهي ڪڍيو. اوهان پاڻ کي پناهگير قرار ڏيو ٿا، پاڻ ئي ان بابت ڳالهائيندا آهيو ۽ پاڻ ئي شڪايت ڪندا آهيو، پوءِ چوندا آهيو ته اسان جي ڳالهه ٻڌي نٿي وڃي ۽ اسان کي ڳالهائڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي.

بقايا 12 ***

ن سان گڏ پبلڪ افيئر آفيسر شان ميڪائونٽس، پوليٽيڪل آفيسر حرم رينالڊ ۽ اڪنامڪ اسپيشلسٽ اقصيٰ ميمڻ به موجود هئا. آبپاشي واري وزير جام خان شورو جي رهائشگاهه تي ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو، صوبائي صلاحڪار عبدالجبار خان، سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ڊاڪٽر سڪندر علي شورو، ڪمشنر حيدرآباد، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد، ٽائون چيئرمين ۽ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ملاقات ڪئي. ان موقعي تي آبپاشي کاتي واري وزير جام خان شورو ۽ يو ايس ڪائونسل جنرل چارلس گڊمن هڪٻئي سان پنهنجا خيال ونڊيا ۽ حيدرآباد جي صورتحال ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون جي حوالي سان پڻ پنهنجا خيال ونڊيا. آبپاشي کاتي واري وزير جام خان شورو آمريڪي وفد جو شڪريه ڪيو جڏهن ته آمريڪي وفد پڻ شڪريه ادا ڪيو.

بقايا 13 ***

ئيشن موجب، ملڪ ۾ في تولو سون 11 هزار 300 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 4 لک 54 هزار 36 رپين جو ٿي ويو. ايسوسيئيشن موجب، 10 گرام سون 9 هزار 688 رپيا لاٿ سان 3 لک 89 هزار 262 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن جو چوڻ آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ به في اونس سون 113 ڊالر گهٽجي 4 هزار 315 ڊالر جو ٿي ويو آهي.

بقايا 14 ***

مريم اورنگزيب جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو. جنهن ۾ فضائي گدلاڻ ۽ چانورن جي فصل جي لاباري کان اڳ هارين کي 10 هزار سپر سيڊرز فراهم ڪرڻ بابت بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ سرڪاري ڪاٽن جون دونهون ڇڏيندڙ ۽ گدلاڻ پکيڙيندڙ گاڏيون بند ڪرڻ، فصلن جي باقيات ساڙڻ، گدلاڻ پکيڙيندڙ ڪارخانن ۽ دونهون ڇڏيندڙ گاڏين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته گند ۽ پلاسٽڪ ساڙيندڙن تي ڳرا ڏنڊ مڙهيا ويندا. جڏهن ته ويسٽ برننگ ۾ ملوث "سترا پنجاب" ڪمپني جو ٺيڪو رد ڪيو ويندو ۽ گند ساڙڻ ۾ ملوث ملازمن خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ان کانسواءِ سيف سٽي ڪيمرائن ذريعي گند ڪچرو ساڙيندڙن ۽ گدلاڻ پکيڙيندڙن جي نگراني ڪئي ويندي. اجلاس ۾ باربي ڪيو ۽ فوڊ اسٽريٽس ۾ ماحولياتي تحفظ جي ايس او پيز تي عمل يقيني بڻائڻ، جڏهن ته ماحولياتي تحفظ جي ايس او پيز جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ريسٽورنٽ سيل ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو.

بقايا 15 ***

ڏسي خوشي ٿي رهي آهي، پر افسوس آهي ته اڳ قائم ٿيل امن گهڻو وقت برقرار نه رهي سگهيو. ڪرغزستان جي راڄڌاني بشڪيڪ ۾ ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان ملاقات دوران روسي صدر ولاديمير پيوٽن چيو ته ماسڪو پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ۾ ايراني عوام سان مڪمل ايڪي جو اظهار ڪري ٿو. پيوٽن وڌيڪ چيو ته موجوده فوجي ۽ سياسي صورتحال باوجود روس ۽ ايران پنهنجا اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپا برقرار رکندا. روسي صدر چيو ته روس سمجهي ٿو ته ايران پنهنجي مفادن ۽ آزادي جي جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ کيس اهو ڏسي خوشي ٿي رهي آهي. ان موقعي تي ايراني صدر مسعود پزشڪيان ايران ۾ جنگ ۽ ان جي نتيجي ۾ لاڳو ٿيندڙ پابندين بابت ماسڪو جي موقف تي روسي صدر پيوٽن جا ٿورا مڃيا. ايراني صدر پزشڪيان چيو ته روس ۽ ايران اسٽريٽجڪ ڀائيوار آهن ۽ ٻئي ملڪ آمريڪا جي هڪ طرفين جارحاڻن قدمن جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هن الزام لڳائيندي چيو ته آمريڪا سندن شاگردن، بيگناهه نوجوانن ۽ ماڻهن کي قتل ڪيو، جيڪو ڪجهه آمريڪا ڪري رهيو آهي، اهو غيرقانوني آهي. پزشڪيان وڌيڪ چيو ته هو ڄاڻن ٿا ته روس هن معاملي ۾ ايران جي حمايت ڪري رهيو آهي، ان ئي سبب ايران به روس سان گڏ بيٺو آهي.

بقايا 16 ***

۽ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 2 لک 35 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 35 هزار 900 ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو متاڻهون ۽ هيٺانهون وهڪرو 30 هزار ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 2 لک 37 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 37 هزار 800 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 24 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 8 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 71 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 48 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1220.45 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 6.615 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 17 ***

موجب پروگرام باصلاحيت ۽ ايرندڙ نوجوانن لاءِ عالمي ترقي جي مشن ۾ پنهنجو حصو وجهڻ جو سونهري موقعو آهي. بيان مطابق پروگرام انهن پرعزم نوجوانن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي جيڪي عالمي ترقي جي ميدان ۾ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو جذبو رکن ٿا. پروگرام لاءِ سڄي دنيا جي بهترين دماغن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي. پروگرام جي شروعات واشنگٽن ڊي سي ۾ عالمي بينڪ گروپ جي هيڊڪوارٽر مان ٿيندي آهي. خواهشمند اميدوارن کي عالمي بينڪ جي ويب سائيٽ تي 30 سيپٽمبر تائين درخواستون جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 18 ***

اداري اي ايف پي موجب ايراني سرڪاري خبرون ڏيندڙ ادارا خوزستان جي ڊپٽي گورنر سيڪيورٽي ۽ قانون لاڳو ڪرڻ جي معاملي جي حوالي سان ٻڌايو ته گذريل رات ٿيل آمريڪي ميزائل حملن ۾ صوبي جي ٽن هنڌن کي نشانو بنايو ويو. ايراني اختيارين موجب اهڙن حملن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 8 زخمي به ٿيا، زخمين کي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرميون به جاري آهن. اهي حملا اهڙي وقت ۾ ٿيا آهن جڏهن ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ فوجي ڇڪتاڻ هڪ دفعو ٻيهر شدت اختيار ڪري چڪي آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تازو جهيڙي جي دوران ايران جي مختلف علائقن ۾ آمريڪي حملن جا اطلاع سامهون ايندا رهيا آهن جڏهن ته ايران طرفان به آمريڪي فوجي اڏن ۽ خطي ۾ آمريڪي هدفن کي نشانو بنائڻ جون دعوائون ڪيون پيون وڃن. ايراني اختيارين موجب آمريڪي حملن ۾ خوزستان کان علاوه ملڪ جي ٻين علائقن کي به نشانو بنايو ويو اهڙن حملن ۾ ٿيل جاني ۽ مالي نقصان جا مڪمل تفصيل فوري طور تي سامهون نه اچي سگهيا آهن. ٻئي طرف ايراني هلال احمر ٻڌايو آهي ته ڏکڻ ايران جي علائقي سيريڪ ۾ هڪ شادي جي تقريب به آمريڪي حملي جو نشانو بڻجي. ريڊ ڪريسنٽ موجب انهي حملي ۾ هڪ ٻار سميت 4 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 50 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي آهن. ايراني اختيارين موجب شادي جي تقريب ۾ موجود ماڻهو به حملي سبب متاثر ٿيا جنهن کان پوءِ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو زخمين جو تعداد وڌيڪ هجڻ سبب علائقي جي طبي مرڪز تي به دٻاءُ وڌڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ايراني ميڊيا طرفان جاري ڪيل نقصان جي انگن اکرن جي آزاد ذريعن کان فوري طور تي مڪمل تصديق نه ٿي سگهي آهي پر خوزستان ۾ 7 ڄڻن جي مارجي وڃڻ ۽ سيريڪ ۾ شادي جي تقريب تي حملي ۾ 4 ڄڻن جي مارجي وڃڻ جي دعويٰ ايران ۾ جنگ جي انساني اثرن کي هڪ دفعو ٻيهر نمايان ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 19 ***

ويو. ڪرغزستان جي صدر صادر ژاپاروف وزيراعظم محمد شهباز شريف جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اعزاز ۾ صدارتي محل ۾ هڪ باضابطه آجياڻي واري تقريب منعقد ڪئي وئي. صدارتي محل پهچڻ تي وزيراعظم محمد شهباز شريف جو ريڊ ڪارپيٽ استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جا قومي ترانا وڄايا ويا. وزيراعظم کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ ڪرغزستان جي صدر گارڊ آف آنر جو معائنو ڪيو ڪرغزستان جي هٿياربند فوج جي دستي وزيراعظم کي سلامي ڏني. ڪرغزستان جي صدر وزيراعظم شهباز شريف سان پنهنجي ڪابينا جي ميمبرن جو تعارف ڪرايو جڏهن ته وزيراعظم به ڪرغزستان جي صدر سان پاڪستان جي وفد جي ميمبرن جو تعارف ڪرايو.

بقايا 20 ***

ترقيءَ واري صوبائي وزير شاهينه شيرعلي، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، دي سٽيزنز فائونڊيشن جو گڏيل باني ۽ چيئرمين مشتاق چاپرا، عائشه سلمان، اينڊريو فيريرا ۽ احمد اقبال شرڪت ڪئي. ڊاڪٽر انيتا زيدي وڏي وزير کي ٿرائيونگ فيوچرز فنڊ بابت بريفنگ ڏني جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ عورتن ۽ ٻارن جي صحت ۽ روزگار جي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنجن سالن دوران 100 ملين ڊالر گڏ ڪرڻ آهي. هي فنڊ ماءُ جي صحت، نوزائيده ٻار ۽ ٻار جي صحت، ۽ عورتن جي روزگار تي ڌيان ڏئي ٿو جنهن ۾ ثبوتن تي ٻڌل مداخلت، ڪيٽيليٽڪ فنانسنگ ۽ مقامي ڀاڱيدارن جي ذريعي موجوده نظام کي مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. ملاقات ۾ ٻارن جي نشونما ۾ رڪاوٽ ۽ غذائي ڪوٽ، ماءُ ۽ نوزائيده ٻارن جي شرح اموات، ۽ معمول جي ويڪسينيشن ۾ رهجي ويل خامين جهڙن وڏن چئلينجن تي پڻ بحث ڪيو ويو. جنهن ۾ ٻنهي ڌرين تعاون لاءِ وڌيڪ اثرائتن شعبن جي سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ پنهنجي ترقياتي ايجنڊا جي مرڪز ۾ صحت، غذائيت ۽ عورتن توڙي ٻارن جي ڀلائيءَ کي رکيو آهي ۽ انهن شعبن ۾ وڏي پيماني تي سيڙپڪاري ڪئي آهي. وڏي وزير چيو ته سنڌ پنهنجي صحت جي نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ خاص ڪري مائين ۽ ٻارن لاءِ صحت جي سهولتن تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ لاءِ سخت محنت ڪئي آهي. اسان ماءُ ۽ ٻار جي صحت، غذائيت، ويڪسينيشن ۽ سماجي تحفظ ۾ سيڙپڪاري ڪئي آهي پر چيلينج جي وڏي پيماني کي نظر ۾ رکندي مضبوط ڀاڱيواري ۽ جديد حلن جي ضرورت آهي. هن چيو ته صوبائي حڪومت ٿرائيونگ فيوچرز فنڊ جي حڪمت عملي واري خيرات، ثبوتن تي ٻڌل مداخلت ۽ نظام کي مضبوط ڪرڻ واري توجهه کي ڀليڪار ڪري ٿي. مراد علي شاهه چيو ته اسان اهڙين ڀاڱيوارين ۾ دلچسپي رکون ٿا جيڪي اسان جي موجوده پروگرامن جي نقل ڪرڻ بدران انهن جي تڪميل ڪن. سنڌ پاليسي فريم ورڪ، ادارتي چونڊ، ڊيٽا ۽ موجوده سرڪاري پروگرامن تائين پهچ فراهم ڪري سگهي ٿي جڏهن ته خيراتي ڀاڱيدار ڪيٽيليٽڪ فنانسنگ، ٽيڪنيڪل ماهر ۽ جديد طريقا آڻي سگهن ٿا. وڏي وزير سنڌ حڪومت جي ممتا مدر اينڊ چائلڊ سپورٽ پروگرام، سنڌ انٽيگريٽيڊ هيلٿ اينڊ پاپوليشن پروگرام ۽ صوبي جي وسيع تر RMNCH (ماءُ، نوزائيده ۽ ٻارجي صحت) ۽ غذائيت جي قدمن کي اهڙن اهم پليٽ فارمن طور نمايان ڪيو جتي اضافي ٽيڪنيڪل ۽ مالياتي سهڪار وڌيڪ بهتر نتيجا پيدا ڪري سگهي ٿو هن گيٽس فائونڊيشن جي مالي سهڪار سان آڪسفورڊ پاليسي مينيجمينٽ سان تازو ٿيل معاهدي جو پڻ حوالو ڏنو. جنهن جو مقصد مڪمل ويڪسينيشن جي ڪوريج کي بهتر بڻائڻ آهي. جنهن جي ذريعي پٺتي پيل ۽ زيرو_ڊوز ٻارن کي موجوده سماجي تحفظ ۽ روزگار جي پروگرامن سان جوڙيو ويندو. وڏي وزير چيو ته گيٽس فائونڊيشن سان اسان جي ڀاڱيواري اڳ ۾ ئي ويڪسينيشن ۽ سماجي تحفظ تي عملي ڪم جي ذريعي اڳتي وڌي رهي آهي. ٿرائيونگ فيوچرز فنڊ ان بنياد تي وڌيڪ ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ اسان کي انهن خاندانن ۽ برادرين تائين پهچڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو جن کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي.

بقايا 21 ***

ويو. اربع ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي وطن واپسي کان اڳ ايئرپورٽ تي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفو واپاري ماپو 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جي معاهدي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ ڪرغزستان جي پرڏيهي وزير صحيحون ڪيون ۽ دستاويزن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي ڪرغزستان جو صدر صادر ژاپاروف ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف پڻ موجود هئا. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ڪرغزستان جي دوري دوران ڪرغز صدر پاران غيرروايتي مهمان نوازي جو مظاهرو ڪيو ويو. ڪرغز صدر صادر ژاپاروف وزيراعظم محمد شهباز شريف کي پاڻ گاڏي هلائي ايئرپورٽ تي الوداع ڪيو.

بقايا 22 ***

ذريعن موجب، بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ سندس اسٽاف جا ميمبر پڻ لنڊن پهتا آهن. صدر آصف علي زرداري به لڳ ڀڳ 48 ڪلاڪ اڳ آسٽريا کان لنڊن پهتو هو ذريعن موجب، صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري لنڊن ۾ لڳ ڀڳ هڪ هفتو ترسندا، جتي هو ويجهن دوستن ۽ ڪجهه برطانوي وزيرن سان ملاقاتون ڪندا.

بقايا 23 ***

ٽ بيسنٽ چيو آهي ته ايران کي معاشي طور اڪيلو ڪرڻ لاءِ هوائي ڪمپنيون، جهاز راني جي صنعت ۽ ڊجيٽل اثاثا ايندڙ هدف ٿي سگهن ٿا. آمريڪي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي اسڪاٽ بيسنٽ چيو ته سندس سڀني لاءِ پيغام آهي ته ايران کان پري رهن هن چيو ته سڀئي چاهين ٿا ته هي تڪرار ختم ٿئي ۽ ان جو تيز ترين رستو اهو آهي ته ڪو به ايراني حڪومت جي ڪنهن به قسم جي مدد نه ڪري. آمريڪي ناڻي واري وزير موجب، آمريڪي عملدار انهن سمورن ماڻهن ۽ ادارن سان انتهائي سنجيدگي ۽ وڏي پيماني تي ڳالهائي رهيا آهن، جيڪي ايراني حڪومت جي مدد ڪن ٿا. اسڪاٽ بيسنٽ هڪ ڏينهن اڳ به خبردار ڪيو هو ته جيڪو به ادارو ايران جي پاسداران انقلاب سان واپار ڪندو ان تي پابنديون لاڳو ٿي سگهن ٿيون. هن چيو ته اهڙا مختلف قسم جا ادارا ٿي سگهن ٿا، جن ۾ هوائي جهاز ليز تي ڏيندڙ ڪمپنيون پڻ شامل آهن. جن جو جائزو ورتو ويندو هن وڌيڪ چيو ته پاسداران انقلاب سان واپار ڪندڙ ڪنهن به شخص يا اداري خلاف ڪارروائي ڪئي سگهي ٿي ۽ آمريڪا پاسداران انقلاب جي اثاثن جو پتو لڳائي رهيو آهي. اسڪاٽ بيسنٽ ان ڳالهه تي زور ڏيندي چيو ته آمريڪا ڪنهن به قسم جي نرمي يا برداشت جو مظاهرو نه ڪندو ۽ معاشي دٻاءُ ذريعي ايراني حڪومت کي گوڏن ڀر ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو پاسداران انقلاب کي خبردار ڪندي هن دعويٰ ڪئي ته آمريڪا کي خبر آهي ته برٽش ورجن آئيليندز ۾ قائم ڪهڙين ٽرسٽ ڪمپنين ۾ پاسداران انقلاب جا اڪائونٽ موجود آهن. هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته آمريڪا وٽ دنيا جي مختلف حصن ۾ پاسداران انقلاب سان لاڳاپيل 100 ملين ڊالر ماليت جي گهرن بابت به معلومات آهي ۽ انهن اثاثن کي منجمد ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو.

بقايا 24 ***

غيرروايتي مهمان نوازي جو مظاهرو ڪيو ويو ڪرغز صدر صادر ژاپاروف وزيراعظم کي پاڻ گاڏي هلائي ايئرپورٽ تي الوداع ڪيو صادر ژاپاروف جو وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ڪرغزستان جي دوري جي پڄاڻي تي پاڻ گاڏي ڊرائيو ڪري کيس ايئرپورٽ تي الوداع ڪرڻ جي لاءِ اچڻ مثالي مهمان نوازي ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن جي مضبوطي جو اظهار ۽ مثالي مهمان نوازي، پاڪستان ۽ ڪرغزستان جي پائدارئي لاڳاپن ۾ نئين سگهه جي اضافي جو مظهر آهي.

بقايا 25 ***

رف ڪرائي ڇڏيو هفتيوار پريس بريفنگ ۾ طاهر حسين اندرابي پنهنجي ترجماني واري دور دوران صحافين پاران ملندڙ تعاون ۽ حمايت تي ٿورا ادا ڪيا. هن چيو ته سجاد حيدر خان هن بريفنگ ڪانپوءِ ترجمان جون ذميواريون سنڀاليندو.

بقايا 26 ***

يراعظم محمد شهباز شريف جي ڪرغزستان جي صدر صادر ژاپاروف سان ملاقات کان اڳ ڪرغزستان جي پرڏيهي وزير زين بيڪ ڪلوبايف سان ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب نائب وزيراعظم ڪرغزستان طرفان شنگهائي تعاون تنظيم جي ڪامياب قيادت، ايس سي او سربراهي اجلاس جي موثر ميزباني ۽ ڇهين عالمي نوميڊ رانڌين جي افتتاحي تقريب جي ڪامياب انعقاد تي پرڏيهي وزير ڪلوبايف کي مبارڪباد ڏني. هن ايس سي او ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪرغزستان جي قيادت کي ساراهيو. نائب وزيراعظم واپار، سيڙپڪاري، توانائي، رابطي، علائقائي سلامتي ۽ عوامي سطح تي رابطن جي فروغ تي ڌيان ڏيندي ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي پاڪستان جي عزم کي ورجايو. ڪرغزستان جي پرڏيهي وزير ڪلوبايف پاڪستان کي 27_2026ع لاءِ ايس سي او ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ جي صدارت سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏيندي ان تي اعتماد جو اظهار ڪيو ته پاڪستان تنظيم جي ايجنڊا کي اڳيان وڌائڻ ۾ موثر قيادت فراهم ڪندو. هن ڪرغزستان جي پاڪستان سان ويجهن ۽ دوستاڻن لاڳاپن جو ذڪر ڪندي گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ راضپي جو اظهار ڪيو ٻنهي طرفن علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ امن، استحڪام ۽ گڏيل خوشحالي جي فروغ لاءِ ايس سي او ۽ ٻين گهڻ طرفي فورمن تي ويجها رابطا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو. نائب وزيراعظم سان مواصلات وارو وفاقي وزير عبدالعليم خان، واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان، وزيراعظم جو پرڏيهي معاملن بابت خاص مددگار طارق فاطمي ۽ پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ به گڏ هئا.

بقايا 27 ***

صدر جي پريس ونگ موجب، صدر پنهنجي مبارڪباد واري خط ۾ چيو آهي ته 1945ع ۾ آزادي حاصل ڪرڻ کان وٺي، ويٽنام ڪيترن ئي چئلينجن تي ضابطو آندو آهي ۽ سياسي، اقتصادي ۽ سماجي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي. هن چيو ته پاڪستان ويٽنام سان پنهنجن خوشگوار ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڏي گهڻو قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ ٻنهي ملڪن جي گڏيل مفاد جي لاءِ ٻه طرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ان جي مڪمل صلاحيت مان لاڀ پرائڻ جي لاءِ پرعزم آهي. صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان ۽ ويٽنام ايندڙ سال سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 55هين سالگرهه ملهائيندا. ان اهم سنگ ميل جي موقعي تي آصف علي زرداري صدر تولام کي پاڪستان جي دوري جي دعوت پڻ ڏني ته جيئن ان اهم موقعي کي گڏجي يادگار بڻائي سگهجي ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دوستي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي.

بقايا 28 ***

پهرين ترجيح آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن وزيراعظم ڪميٽي جي هڪ اهم اجلاس جي صدارت دوران ڪيو. هن هدايت ڪئي ته گلگت بلتستان ۾ بجلي جي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ 100 ميگاواٽ جي سولر منصوبي تي تيزي سان اڳڀرائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي. وفاقي وزير چيو ته نلتر ۽ هنزل پاور منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان گڏو گڏ، سولر منصوبي جي فيڊر، ٽرانسميشن لائن ۽ روڊن جي بنيادي ڍانچي تي به هڪ ئي وقت ڪم ڪيو ويندو ته جيئن ماڻهن کي بجلي جي فراهمي ۾ بنا ڪنهن دير جي رليف ملي سگهي. هن چيو ته گلگت بلتستان جي خوبصورت ۽ حساس ماحول جي حفاظت لاءِ هڪ گڏيل سياحتي فريم ورڪ تيار ڪرڻ ۽ ڪيرئينگ ڪيپيسٽي اسٽڊي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. انهن قدمن جو مقصد بي ترتيب اڏاوتن کي روڪڻ ۽ ماحول دوست ۽ پائيدار سياحت کي هٿي وٺائڻ آهي. وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو ته وفاقي حڪومت گلگت بلتستان کي مالي طور تي خودمختيار بڻائڻ ۽ اين ايف سي جي طرز تي ڊگهي عرصي تائين هلندڙ مالي حل فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته گڏيل سهڪار ۽ محنت ذريعي گلگت بلتستان جي روشن، سرسبز ۽ پائيدار مستقبل جي بنياد رکيو ويندو.

بقايا 29 ***

کان وڏو مسئلو چونڊون ڪرائڻ هو جتي چونڊون پرامن ۽ شفاف نموني ٿيون. صوبن بابت ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ جڏهن صوبائي اسيمبليون ۽ پارليامينٽ چاهينديون ته ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت سان نوان صوبا به ٺهي ويندا. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم ڪيترائي پيرا مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت ڏئي چڪو آهي. آزاد ڪشمير جو وزيراعظم چونڊڻ جو حق نواز شريف وٽ هو.

بقايا 30 ***

يد جوڳي توانائي، پن بجلي، توانائي جي بنيادي ڍانچي ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون وڌائي سگهجي ٿو ازبڪستان جي 35 هين يوم آزادي جي موقعي تي منعقد آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته توانائي جي شعبي ۾ مضبوط تعاون ٻنهي ملڪن جي وسيع تر اقتصادي حصيداري ۽ علائقائي رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو سردار اويس احمد خان لغاري ازبڪ صدر شوڪت مرزا يوف، حڪومت ۽ عوام کي آزادي جي ڏهاڙي جون مبارڪون ڏيندي ازبڪستان لاءِ مسلسل امن، استحڪام، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. هن چيو ته پاڪستان ازبڪ عوام جي ڪاميابين کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تاريخي رابطن کي اهميت ڏئي ٿو جيڪي گڏيل اسلامي ثقافت ۽ تهذيب تي ٻڌل آهن. پاڪستان انهن اولين ملڪن ۾ شامل هو جنهن ازبڪستان جي آزادي کي تسليم ڪيو جڏهن ته ٻنهي ملڪن 1992ع ۾ باضابطه سفارتي لاڳاپا قائم ڪيا. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۽ ازبڪستان مئي 2027ع ۾ پنهنجي سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 35 هين سالگرهه پڻ ملهائي رهيا آهن. هن چيو ته گڏيل احترام، گڏيل تاريخي ۽ ثقافتي قدرن ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا مضبوط حصيداري ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. جڏهن ته واپار، سيڙپڪاري، توانائي، علائقائي رابطا، تعليم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ ثقافت سميت مختلف شعبن ۾ تعاون ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. سردار اويس احمد خان لغاري چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي فيبروري 2025ع ۾ ازبڪستان جي دوري ۽ صدر شوڪت مرزا يوف جي فيبروري 2026ع ۾ پاڪستان جي دوري کانپوءِ ٻطرفن لاڳاپن کي نئين رفتار ملي، واپار، ڪاٽين، انفارميشن ٽيڪنالاجي، تعليم، زراعت، سامونڊي معاملا ۽ دفاع سميت مختلف شعبن ۾ معاهدن ۽ مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعاون جي وڌندڙ سگهه ۽ گهرائي جون عڪاس آهن. هن چيو ته پاڪستان ۽ ازبڪستان ٻطرفي واپار ۾ اضافي لاءِ هڪ پرعزم هدف مقرر ڪيو آهي، ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنهي ملڪن جي ڪاروباري برادرين وچ ۾ رابطا وڌائڻ، سيڙپڪاري ۽ گڏيل منصوبن جي حوصلا افزائي ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. وفاقي وزير چيو ته هو توانائي جي شعبي ۾ پاڪستان ۽ ازبڪستان وچ ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ لاءِ نمايان گنجائش ڏسي ٿو ٻئي ملڪ توانائي جي بنيادي ڍانچي، بجلي جي پهچ ۽ رابطا، تجديد جوڳي توانائي، پن بجلي ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ سان گڏوگڏ مضبوط ۽ پائيدار توانائي جي نظام جي ترقي لاءِ مهارت ۽ تجربن جي ڏي وٺ به ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته علائقائي رابطا ڪاري پاڪستان ۽ ازبڪستان جي گڏيل ويزن جو اهم حصو آهي، پاڪستان ازبڪستان کي عربي سمنڊ ۽ عالمي منڊين تائين پهچ لاءِ گيٽ وي جڏهن ته ازبڪستان پاڪستان کي وچ ايشيا جي تيزي سان وڌندڙ مارڪيٽن تائين پهچ جو موقعو فراهم ڪري ٿو وفاقي وزير چيو ته ٻئي ملڪ گڏيل قومن، اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي)، شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) ۽ اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) جي پليٽ فارمز تي به ويجهو تعاون ڪري رهيا آهن جيڪو امن، استحڪام، ڳالهين ۽ علائقائي اقتصادي تعاون لاءِ ٻنهي ملڪن جي گڏيل عزم جي عڪاسي ڪري ٿو وفاقي وزير علائقائي رابطاڪاري ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ جو ازبڪستان جي تعميري ڪردار جي ساراهيندي اعتماد جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۽ ازبڪستان جا لاڳاپا مستقبل ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندا.

بقايا 31 ***

ل مارڪيٽس ۾ ٻيهر واپسي ۽ عالمي سيڙپڪارن تائين پهچ بهتر بڻائڻ لاءِ آمريڪي ڊالر بينچ مارڪ يورو بانڊ جي جاري ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. ناڻي واري وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد موجب ناڻي واري وزارت ۽ حڪومت عالمي سيڙپڪارن لاءِ پنجن سالن ۽ ڏهن سالن تي مشتمل ڊوئل ٽرانچ يورو بانڊ پيش ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو آهي. هن چيو ته يورو بانڊ جاري ڪرڻ موجوده عالمي مارڪيٽ جي حالتن کي نظر ۾ رکندي عالمي سيڙپڪاري مارڪيٽ تائين پهچ جي بحالي طرف اهم قدم آهي. اهو قدم تازي خود مختيار ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ بهتري ۽ معاشي بنياد ۾ استحڪام کان پوءِ سامهون آيو آهي. خرم شهزاد موجب معاشي استحڪام، مضبوط ميڪرو اڪنامڪ اهڃاڻن ۽ اثرائتي پاليسي وارن قدمن سبب عالمي سيڙپڪارن جو پاڪستان تي اعتماد بحال ٿي رهيو آهي. هن چيو ته عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽس ۾ پاڪستان جي واپسي ملڪ ۾ معاشي اعتماد ۽ سيڙپڪاري جي نون موقعن جي عڪاسي ڪري ٿي. يورو بانڊ جو جاري ٿيڻ عالمي مالياتي نظام ۾ پاڪستان جي ٻيهر اثرائتي شرڪت طرف اهم قدم آهي.

بقايا 32 ***

ڪرائڻ ۾ مدد جي نالي تي پاڻ کي ايڇ اي سي جو ايجنٽ ظاهر ڪري رهيا آهن، جڏهن ته اهڙن ماڻهن جي دوکي ۾ اچڻ کان پاسو ڪيو وڃي. درخواست ڪندڙ پنهنجا ذاتي تعليمي ڪاغذ، ڊگريون ڪنهن سان شيئر نه ڪن ته جيئن دوکي ۽ فراڊ کان بچي سگهن. ڪميشن چيو آهي ته تعليمي سندون تصديق ڪرڻ وارو عمل مڪمل طور تي آن لائن آهي، جنهن تحت درخواست ڪندڙ آسان طريقي سان پنهنجي ڊگري جي تصديق جي درخواست جمع ڪرائي سگهي ٿو، جڏهن ته ان سلسلي ۾ صرف ڪميشن جي سرڪاري ويب سائيٽ تي دستياب هدايتن تي عمل ڪيو وڃي.

بقايا 33 ***

هرين ٻن مهينن ۾ ساليانو بنيادن تي 10 سيڪڙو اوسر رڪارڊ ڪئي وئي آهي. او سي اي سي ۽ انڊسٽري جي انگ اکرن مطابق مالي سال جي پهرين 2 مهينن (جولاءِ کان آگسٽ) جي مدي ۾ ملڪ ۾ 2.77 ملين ٽن پيٽروليم مصنوعات جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 2.52 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 10 سيڪڙو وڌيڪ آهي. آگسٽ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي وڪري جو ڳاڻيٽو 1.26 ملين ٽن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو جولاءِ جو 1.51 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 16 سيڪڙو گهٽ جڏهن ته گذريل سال جي آگسٽ جي 1.30 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 3 سيڪڙو گهٽ آهي. انگن اکرن مطابق مالي سال جي پهرين ٻن مهينن ۾ ملڪ ۾ 1.39 ملين ٽن پيٽرول جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 1.29 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 8 سيڪڙو وڌيڪ آهي. آگسٽ ۾ 0.67 ٽن پيٽرول جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو جولاءِ جي 0.73 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 9 سيڪڙو گهٽ ۽ گذريل سال آگسٽ جي 0.67 ملين ٽن جي مقابلي ۾ برابر آهي. انگ اکرن مطابق مالي سال جي پهرين 2 مهينن ۾ 1.05 ملين ٽن هاءِ اسپيڊ جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو، جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 1.03 ملين ٽن جي مقابلي ۾ هڪ سيڪڙو وڌيڪ آهي. آگسٽ ۾ 0.42 ملين ٽن هاءِ اسپيڊ ڊيزل جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو جولاءِ جي 0.62 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 32 سيڪڙو گهٽ ۽ گذريل سال آگسٽ جي 0.52 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 19 سيڪڙو گهٽ آهي. انگن اکرن مطابق مالي سال جي پهرين ٻن مهينن ۾ ملڪ ۾ 0.18 ملين ٽن فرنس آئل جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو آهي جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 0.03 ملين ٽن جي مقابلي ۾ 419 سيڪڙو وڌيڪ آهي.

بقايا 34 ***

به ڌر طرفان سنڌ ٽوڙڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي وئي، اسان به اوترائي سنڌي ۽ اوترائي پاڪستاني آهيون، جيترا اوهان آهيو. سنڌ اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي فرحان انصاري چيو ته هتي ويٺل ڪنهن به ميمبر کي ڪنهن کان پنهنجي سنڌي يا پاڪستاني هجڻ جو سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ضرورت ناهي. هن چيو ته جيڪڏهن پاڪستان، خاص طور سنڌ ۾ انتظامي يونٽن بابت آواز اٿي رهيا آهن ته ان جا سبب ڏسڻ ۽ انهن تي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته گذريل 18 سالن کان سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي، پر عوام جا مسئلا اڄ به ساڳيا آهن. جڏهن ته حڪمرانن جا وسيلا ۽ بجيٽ وڌندا ويا آهن. فرحان انصاري موجب، 2008_09ع ۾ سنڌ جو بجيٽ لڳ ڀڳ 2 ارب 68 ڪروڙ هو، جڏهن ته 2025_26ع جو بجيٽ لڳ ڀڳ 3 ارب 45 ڪروڙ تائين پهچي ويو آهي. هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن وسيلن ۾ 13 سيڪڙو واڌ ٿي آهي ته ڇا عوام جي مسئلن ۾ به ايتري ئي گهٽتائي آئي آهي؟ هن چيو ته سنڌ ۽ خاصي ته سنڌ وٽ ايتري صلاحيت موجود آهي جو هتان 3 هزار ارب رپين تائين روينيو گڏ ڪري سگهجي ٿو تعليم بابت ڳالهائيندي هن چيو ته 2018_19ع ۾ تعليم جو بجيٽ 208 ارب رپيا هو جيڪو 2025_26ع ۾ وڌي لڳ ڀڳ 524 ارب رپيا ٿي ويو. ان باوجود 2023ع جي انگن اکرن موجب 5 کان 16 سالن جي عمر جا لڳ ڀڳ 80 لک ٻار اڄ به اسڪولن کان ٻاهر آهن. فرحان انصاري چيو ته سنڌ وٽ معدنيات، منرلز، بندرگاهه، زراعت، تيل، گئس ۽ صنعتن سميت وڏا وسيلا موجود آهن. پر ان باوجود صوبي جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي. هن چيو ته سنڌ کي 22 هزار ارب رپيا ملي چڪا آهن، پر ان کان پوءِ به نه مناسب بجلي آهي، نه گهرن ۾ پاڻي، نه روڊ ۽ نه ئي گهربل انفرااسٽرڪچر. جيڪڏهن 22 هزار ارب رپيا صحيح نموني خرچ ڪيا وڃن ها ته هي شهر ۽ صوبو ڪيترائي پيرا بهتر بڻجي چڪو هجي ها. ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته انتظامي يونٽن بابت بار بار آواز ان ڪري اٿي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته عوام پريشان آهي ۽ خراب حڪمراني جا مسئلا موجود آهن. هن چيو ته عوام کي ڪنهن به نظام ۾ وڃڻ سان مسئلا ختم ٿيڻ گهرجن. پر ادارن ۾ رشوت خوري ۽ بدانتظامي سبب ماڻهو انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته ملير ۽ ڪياماڙي ضلعا به انتظامي بنيادن تي ٺاهيا ويا آهن. تنهن ڪري انتظامي يونٽن بابت موجوده ڳالهه به انتظامي بنيادن تي ٿي آهي.

بقايا 35 ***

ن ويون آهن ۽ ماڻهن جي آمد جو سلسلو تيزيءَ سان جاري آهي. ان موقعي تي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان اعلان ڪندي چيو آهي ته مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي ٽئڪس جي خاتمي لاءِ 3 سيپٽمبر تي سڄي ملڪ ۾ ڀرپور ڦيٿا روڪ هڙتال ڪئي ويندي. هن چيو ته عوام هاڻي ان ناانصافي واري نظام کي وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي ۽ احتجاج جو دائرو سڄي ملڪ ۾ پکيڙيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 01

۽ تعلقي تلهار ۾ منشيات جي آزار خلاف ايس ٽي پي اڳواڻن پاران چانري اسٽاپ تي هڪ روزه علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي. جتي اڳواڻن ضلعي صدر شاهنواز سيال. علي غلام آزاد. علي احمد ڳاهو. پوڙهو خاصخيلي ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ سنڌ ۾ جيڪي بہ ڪئمپس آهن انهن کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو ويو آهي پر ضلعي بدين ۾ لاڙ ڪئمپس کي اڃان تائين يونيورسٽي جو درجو نہ ڏنو وڃي جنهن جي ڪري هتان جا شاگرد سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن . هنن چيو ضلعي بدين ۾ دل جي اسپتال نہ هئڻ جي ڪري غريب ماڻهون ايمرجنسي ۾ ٽنڊو محمد خان يا حيدرآباد نتا پهچي سگهن جنهن جي ڪري دل جا مريض رستي ۾ ئي فوت ٿيو وڃن جنهن جي لاءِ بدين ضلعي کي دل جي اسپتال ڏني وڃي . اڳواڻن چيو تہ تلهار جي سول اسپتال جو تعميراتي ڪم گذريل ٽن سالن کان رولڙي جو شڪار هئڻ جي ڪري هتان جا غريب ابوجھ ماڻهون علاج جي بهتر سهولتن کان محروم آهن تلهار جي سول اسپتال جو ڪم جلد مڪمل ڪري هتان جي رهواسين کي صحت جون بهتر سهولتون مهيا ڪيون وڃن . هنن وڌيڪ چيو تہ تلهار تعلقي ۾ منشيات جو آزار تمام گهڻو وڌي ويو آهي آئس . چرس . ڪچو شراب . گٽڪو. ماڻو. انڊين سپاريون ۽ ٻي منشيات پڳڙن جيان هلي رهي آهي . مشيات سبب ڪيترائي نوجوان موت جو ڪاج بڻجي ويا آهن پوليس منشيات جي وڏن ڊيلرن خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي . جڏهن تہ ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ هر روز واڌ سبب جيڪا مهانگائي ٿي آهي انهي تي ڪنٽرول ڪري غريب عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي . اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي سمورا جائز مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 02

ميرپورخاص جي مختلف علائقن ۾ پيور بلاڪ. سي سي روڊ ۽ ٻين ترقياتي هاءِ ڪورٽ بار جي صدر وڪيل شوڪت راهمون پاران ميرپورخاص جي مختلف علائقن ۾ پيور بلاڪ. سي سي روڊ ۽ ٻين ترقياتي ڪمن لاءِ منظور ٿيل 15 ڪروڙ روپيا ترقياتي منصوبن تي خرچ ٿيڻ بدران ڪاغذن ۾ خرچ ٿيڻ جي خلاف داخل ڪيل پٽيشن جي ٻڌڻي تي ٻڌڻي دوران لوڪل گورنمنٽ جي ڪامورن پاران لسٽ موجب ڪم ٽن مهينن اندر مڪمل ڪري ڏيڻ جي خاطرين تي عدالت پاران ترقياتي ڪمن ڪي نيب جي نگران هيٺ مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏنو آهي ان حوالي سان پٽيشنر وڪيل شوڪت راهمون رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ لوڪل گورنمنٽ پاران جاري ڪيل فنڊ ترقياتي ڪمن تي خرچ نہ ڪرڻ خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيل پٽيشن ۾ سيڪريٽري لوڪل گورنمنٽ. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ لاڳاپيل ڪاتي جي ڪامورن کي ڌر بڻائي موقف اختيار ڪيو هو تہ 2024_2023ع جي اي ڊي پي اسڪيم ۾ ميرپورخاص تعلقي جي مختلف ڪالونين ۾ گهٽيون پڪيون ڪرڻ لاءِ رکيل 15 ڪروڙ روپين مان شهر سيٽ لائيٽ ٽائون. رفسر ٽائون. ملڪ ڪالوني. پنهور ڪالوني. والڪرٽ ٽائون. سومرا پاڙو. پان سنگھ آباد. گلشن ڪالوني سميت ٻين علائقن ۾ پيور بلاڪ ۽ سي سي روڊ سميت ٻيا ترقياتي ڪم ڪرڻا هئا جيڪي صرف ڪاغذن تائين محدود آهن عملي طور ڪم شروع نہ ڪيو ويو آهي جنهن تي عدالت ڌرين کي طلب ڪيل هو ٻڌڻي تي لاڳاپيل ڪامورن پاران لسٽ مطابق ترقياتي ڪم ٽن مهينن اندر مڪمل ڪري ڏيڻ جي لکت ۾ خاطري تي عدالت پاران ترقيات ڪم نيب جي نگراني ۾ ڪرائي ٽن مهينن اندر مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي هن چيو تہ عدالتي حُڪم بعد انهن پوئتي پيل علائين ۾ ترقياتي ڪم مڪمل ٿيڻ سان عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي تي سگهندين لاءِ منظور ٿيل 15 ڪروڙ روپيا ترقياتي منصوبن تي خرچ ٿيڻ بدران ڪاغذن ۾ خرچ ٿيڻ جي خلاف داخل ڪيل پٽيشن جي ٻڌڻي تي ٻڌڻي دوران لوڪل گورنمنٽ جي ڪامورن پاران لسٽ موجب ڪم ٽن مهينن اندر مڪمل ڪري ڏيڻ جي خاطربن تي عدالت پاران ترقياتي ڪمن ڪي نيب جي نگران هيٺ مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏنو آهي ان حوالي سان پٽيشنر وڪيل شوڪت راهمون رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ لوڪل گورنمنٽ پاران جاري ڪيل فنڊ ترقياتي ڪمن تي خرچ نہ ڪرڻ خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيل پٽيشن ۾ سيڪريٽري لوڪل گورنمنٽ. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ لاڳاپيل ڪاتي جي ڪامورن کي ڌر بڻائي موقف اختيار ڪيو هو تہ 2024_2023ع جي اي ڊي پي اسڪيم ۾ ميرپورخاص تعلقي جي مختلف ڪالونين ۾ گهٽيون پڪيون ڪرڻ لاءِ رکيل 15 ڪروڙ روپين مان شهر سيٽ لائيٽ ٽائون. رفسر ٽائون. ملڪ ڪالوني. پنهور ڪالوني. والڪرٽ ٽائون. سومرا پاڙو. پان سنگھ آباد. گلشن ڪالوني سميت ٻين علائقن ۾ پيور بلاڪ ۽ سي سي روڊ سميت ٻيا ترقياتي ڪم ڪرڻا هئا جيڪي صرف ڪاغذن تائين محدود آهن عملي طور ڪم شروع نہ ڪيو ويو آهي جنهن تي عدالت ڌرين کي طلب ڪيل هو ٻڌڻي تي لاڳاپيل ڪامورن پاران لسٽ مطابق ترقياتي ڪم ٽن مهينن اندر مڪمل ڪري ڏيڻ جي لکت ۾ خاطري تي عدالت پاران ترقيات ڪم نيب جي نگراني ۾ ڪرائي ٽن مهينن اندر مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي هن چيو تہ عدالتي حُڪم بعد انهن پوئتي پيل علائين ۾ ترقياتي ڪم مڪمل ٿيڻ سان عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي تي سگهندي

بقايا عوامي سوچ 03

ن گروپن جي نتيجن جو اعلان. خبر موجب تعليمي بورڊ ميرپورخاص پاران ٻارهين جماعت هيومينيٽيز (ريگيولر/ پرائيويٽ) اسپيشل ڪمبائنڊ امتحان. ڪامرس ۽ اورينٽل گروپن جي سال 2026ع جي ساليانى امتحانن جي نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پريس پڌرائي موجب هيومينيٽيز (ريگيولر/پرائيويٽ) گروپ ۾ 468 اميدوارن امتحان ۾ شرڪت ڪئي. جن مان مجموعي طور ڪاميابيءَ جي شرح 77.78 سيڪڙو رهي. هيومينيٽيز گروپ ۾ پهرين پوزيشن گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو ڪولاچي جي شاگرديائي منوه 808 مارڪون ڪٽي حاصل ڪئي. ٻي پوزيشن گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو ڪولاچي جي شاگرد علي محمد 797 مارڪون ڪٽي حاصل ڪئي جڏهن تہ ٽين پوزيشن ابن رشد گورنمينٽ گرلز ڪاليج ميرپورخاص جي شاگرديائي ناياب 796 مارڪون ڪٽي ڪري حاصل ڪئي. نتيجن موجب 30 اميدوارن اي گريڊ. 262 بي گريڊ. 70 سي گريڊ ۽ 2 اميدوارن ڊي گريڊ حاصل ڪيو. جڏهن تہ 117 اميدوار ڪامياب نہ ٿي سگهيا. ساڳئي ريت اسپيشل ڪمبائنڊ امتحان ۾ 256 اميدوارن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ مجموعي ڪاميابيءَ جي شرح 69.53 سيڪڙو رهي. انهن مان 1 اميدوار اي ون گريڊ. 95 اي گريڊ. 81 بي گريڊ ۽ 1 اميدوار سي گريڊ حاصل ڪيو. جڏهن تہ 79 اميدوار ڪامياب نہ ٿي سگهيا. ڪامرس گروپ ۾ 39 اميدوارن امتحان ۾ شرڪت ڪئي ۽ مجموعي ڪاميابيءَ جي شرح 79.49 سيڪڙو رهي. ڪامرس گروپ ۾ پهرين پوزيشن ابن رشد گورنمينٽ گرلز ڪاليج ميرپورخاص جي شاگرديائي نيوش جاويد 852 مارڪون ڪٽي حاصل ڪئي. ٻي پوزيشن ابن رشد گورنمينٽ گرلز ڪاليج ميرپورخاص جي شاگرديائي حانيه 846 مارڪون ڪٽي حاصل ڪئي جڏهن تہ ٽين پوزيشن گورنمينٽ ماڊل ڪاليج ميرپورخاص جي شاگرد سيد باسل عباس رضوي 826 مارڪون ڪٽي حاصل ڪئي. ڪامرس گروپ ۾ 15 اميدوارن اي گريڊ. 8 بي گريڊ. 6 سي گريڊ ۽ 2 اميدوارن ڊي گريڊ حاصل ڪيو. جڏهن تہ 8 اميدوار ڪامياب نہ ٿي سگهيا. اورينٽل گروپ ۾ مجموعي طور 5 اميدوارن امتحان ۾ شرڪت ڪئي. جن مان ڪاميابيءَ جي شرح 40 سيڪڙو رهي. نتيجن موجب 1 اميدوار بي گريڊ ۽ 1 اميدوار سي گريڊ حاصل ڪيو. جڏهن تہ 3 اميدوار ڪامياب نہ ٿي سگهيا.

بقايا عوامي سوچ 04

هائوس تلهار ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مير شاهد احمد ٽالپر جا الزام رد ڪري ڇڏيا. پ پ تعلقي صدر رئيس نياز محمد لاشاري. غلام حيدر جتوئي. امير حيدر خواجہ. سيد علي ڏنو عرف بابو شاهہ. محمد طيب ڪٽي ۽ ممتاز ڪٽي چيو تہ معاملو رڳو چيڪ جو ناهي. پر 2023ع جي مڪاني چونڊن ۾ سياسي مخالفت ۽ شڪست جو نتيجو آهي. اڳواڻن الزام هنيو تہ سياسي اختلافن سبب ڪارڪنن خلاف ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. هنن چيو تہ سوشل ميڊيا تي وائرل مبينا آڊيو رڪارڊنگز ۽ چيڪ واري معاملي سميت سمورن معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي اصل حقيقت سامهون آندي وڃي. غلام حيدر جتوئي مير شاهد احمد ٽالپر کي صحافين جي موجودگي ۾ روبرو ويهي سمورا الزام ثبوتن سان ثابت ڪرڻ جو چئلينج پڻ ڏنو پ پ اڳواڻن بلاول ڀٽو زرداري. آصف علي زرداري. مراد علي شاهہ. نثار احمد کهڙو. فريال ٽالپر ۽ پارٽي جي ٻين قيادت کان مطالبو ڪيو تہ جيڪڏهن سيد علي ڏنو عرف بابو شاهہ. طيب ڪٽي ۽ ممتاز ڪٽي بيگناهہ آهن تہ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 05

دم ويجهو ڳوٺ مولابخش اميرزئي مينگل جي مينگل فارم هاوس ۾ اميرزئي مينگل قوم جو هڪ پروقار تقريب مشتاق احمد اميرزئي مينگل جي مهزباني ۾ ٿي گزريو تقريب ۾ مختلف علائقن سانگهڙ. نوابشاهہ. حيدرآباد. ٽنڊوالهيار. شهدادپور. نصرپور. سرهاڙي. ٽنڊوآدم سميت سنڌ جي مختلف علائقن مان اميرزئي مينگل جي ماڻهن شرڪت ڪئي اميرزئي قوم جي سفيد ريشن ۽ معززين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلع سانگهڙ سميت هر هنڌ اميرزئي قبيلي جي ماڻهن سان ٿيل ناانصافين سميت هر مثلي تي ويچاريو ويو معززين چيو تہ سڀ کان پهرين پنهنجي دين جي پوواري ڪريو پنهنجي ٻچڙن کي ديني ۽ دنيائي تعليم ڏياريو پاڙي وارن سميت هر هڪ جو عزت ڪريو هر انهي ڪم کان پيرز ڪريو جيڪو اسان جي ملڪ ۽ اسان جي معاشري لاءِ ناسور هجي معززين چيو تہ اسان اميرزئي رابطہ ڪميٽي انهي ڪري ناهي آهي جو اسان هڪ هي پيءُ جا پوئلڳ آهيون ۽ پاڻ کان وڇڙي ويا هئاسين تنهن ڪري سيني کي تعرف ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي سيني ۾ لڳايوسين هن ميٽنگ جو مقصد نہ مفادپرستي آهي نہ سياست هي صرف اميرزئي قبائل کي هڪ ڪرڻ آهي هي اسان جو قبائلي سسٽم جو هڪ ذريعو آهي آخر ۾ مشتاق اميرزئي مينگل آيل سيني مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اينڊ ميٽنگ ڊسمبر ۾ سرهاڙي ۾ رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي لاءِ دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 06

وڏن ۽ رستن تان غيرقانوني قبضا هٽائڻ لاءِ وڏو آپريشن جاري آهي. ميونسپل ڪارپوريشن جي عملدارن پاران ڳري مشينري ۽ عملي جي مدد سان روڊن ۽ رستن تي قائم غيرقانوني ٿلا. دڪانن جا وڌايل حصا. ريڙها ۽ ٻيون حددخليون هٽايون پيون وڃن. جنهن دوران ڪيترن ئي هنڌن تي قبضا ختم ڪرايا ويا. انتظاميا موجب حددخلين سبب شهر جي روڊن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ سان گڏ پيادل هلندڙ شهرين کي بہ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. آپريشن جو مقصد شهر جي روڊن ۽ رستن کي حددخلين کان پاڪ ڪري ٽريفڪ جي نظام کي بهتر بڻائڻ آهي. ميونسپل ڪارپوريشن انتظاميا چيو آهي تہ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو ۽ شهر ۾ غيرقانوني حددخلين خلاف ڪارروائي بنا ڪنهن فرق جي جاري رهندي. شهرين ۽ دڪاندارن کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي تہ هو رضاڪارانہ طور تي سرڪاري زمين ۽ روڊن تي قائم غيرقانوني قبضا ختم ڪن. ٻي صورت ۾ قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 07

خاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. جتي تعليم کاتي جي عملدارن ۽ ڊي او ايجوڪيشن نبي بخش گرگيز خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. احتجاج جي اڳواڻي هنگورنو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين رخسانہ شر. عبدالحميد شر ۽ اسڪول جي شاگردن ڪئي. جڏهن تہ وڏي انگ ۾ والدين ۽ علائقي واسين پڻ شرڪت ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي تعليم کاتي جي مبينا نااهلي خلاف آواز اٿاريو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو تہ اسڪول ۾ مقرر استاد گذريل اٺن مهينن کان ڊيوٽي تي حاضر ناهن ٿي رهيا. جنهن سبب سوين ٻار تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم بڻيل آهن. هنن الزام هنيو تہ استادن جي مسلسل غيرحاضري باوجود تعليم کاتي پاران ڪابہ عملي ڪارروائي نہ ڪئي وئي آهي. مظاهرين جو چوڻ هو تہ استادن جي غيرحاضري بابت ڪيترائي پيرا ڊي او ايجوڪيشن نبي بخش گرگيز کي درخواستون ۽ شڪايتون ڏنيون ويون. پر سندن دانهن نہ ٻڌي وئي. جنهن ڪري شاگردن جي پڙهائي مڪمل طور متاثر ٿي رهي آهي ۽ سندن تعليمي مستقبل داءَ تي لڳي ويو آهي. هنن چيو تہ سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم جي بهتري جا دعوائون ڪيون وڃن ٿيون. پر عملي طور تي ٻار استاد نہ هجڻ سبب دربدر آهن. جيڪو تعليم کاتي جي ڪارڪردگي تي وڏو سوال آهي. احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي الهيار شر ۾ فوري طور استاد مقرر ڪري تعليمي سرگرميون بحال ڪيون وڃن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائي ضلعي سطح تي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا عوامي سوچ 08

الطاف حسين لغاري ضلعي هيڊڪوارٽر سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) اسٽيشن ٺٽو جو دورو ڪيو. جتي ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ۽ ريسڪيو 1122 جي ٻين آفيسرن ۽ اهلڪارن سندس آجيان ڪئي. دوري دوران ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ريسڪيو 1122 ٺٽو جي عملي جي پيشورانہ صلاحيتن. فرض شناسي. لگن ۽ عوام کي چوويھ ڪلاڪ فراهم ڪيل هنگامي خدمتن کي ساراهيو. ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ريجنل ڊائريڪٽر کي اسٽيشن جي ڪارڪردگي ۽ سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ريسڪيو اسٽيشن ۾ موجود جديد ترين اوزارن. ايمرجنسي گاڏين. اسٽور ۽ ٻين سهولتن جو تفصيلي معائنو ڪيو. ان موقعي تي هن ريسڪيو 1122 جي جديد سهولتن. بهترين انتظامن ۽ ڪنهن بہ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اداري جي عملي تياري کي ساراهہ جوڳو قرار ڏنو. ريجنل ڊائريڪٽر چيو تہ ريسڪيو 1122 جو عملو ڏکين ۽ هنگامي حالتن ۾ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جيڪو ساراهہ جوڳو آهي

بقايا عوامي سوچ 09

وٺڻ بابت ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ روينيو . صحت . تعليم سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران پوليو مهم دوران فيلڊ ۾ پيش ايندڙ مختلف چئلينجز ۽ مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. جڏهن تہ انڪاري ڪيسن کي ڪور ڪرڻ ۽ سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ واري عمل کي هر صورت ۾ يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو ويو. اجلاس ۾ گذريل پوليو بوسٽر ڊوز مهم جي ڪارڪردگي جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق گذريل مهم دوران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي آفيسرن ۽ عملي جي ڪوشش کي ساراهيو. هن لاڳاپيل سمورن ادارن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ايندڙ پوليو مهم ۾ پڻ ساڳئي محنت. لگن ۽ جذبي سان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. تہ جيئن ضلعي ۾ ڪوبہ ٻار پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئڻ کان محروم نہ رهي ۽ ملڪ کي پوليو کان پاڪ ڪرڻ جو قومي مقصد حاصل ڪري سگهجي. ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر راجيش ڪمار اجلاس کي ايندڙ پوليو مهم جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ضلعي ٺٽي ۾ مهم دوران 2 لک 34 هزار 567 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. هن مهم دوران فيلڊ ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ چئلينجز بابت پڻ اجلاس کي آگاهہ ڪيو. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق لاڳاپيل آفيسرن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائيندي هدايت ڪئي تہ پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا ادارا باهمي رابطي ۽ مؤثر حڪمت عملي تحت هن قومي فرض جي ادائيگي ۾ پنهنجون ذميواريون ادا ڪن `

بقايا عوامي سوچ 10

سعيد اعوان. پوسٽ وارڊن شيخ عدنان ۽ انچارج آفيسر ميڊيا رياض صديقي ريڊ ڪريسنٽ اسپتال ۽ مصطفائي ٽرسٽ اسپتال جو دورو ڪيو ۽ فائر سيفٽي ايس او پيز. حفاظتي انتظامن ۽ عملي جي تربيت سميت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو. معائني دوران. ريڊ ڪريسنٽ اسپتال ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز تي عملدرآمد کي شاندار قرار ڏنو ويو. جڏهن تہ وڌيڪ بهتري ۽ مسلسل تربيت جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو. ٻئي طرف. مصطفائي ٽرسٽ اسپتال ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز تي عملدرآمد کي اطمينان بخش نہ مليو. سول ڊفينس ٽيم اسپتال انتظاميا کي هدايت ڪئي تہ باهہ جي حفاظت جي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي. حفاظتي قدمن کي اثرائتو بڻايو وڃي ۽ ڪنهن بہ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ عملي جي باقاعده عملي تربيت کي يقيني بڻايو وڃي. سول ڊفينس جي عملدارن واضح ڪيو تہ اسپتالن ۾ باهہ جي حفاظت صرف ڪاغذي عمل نہ آهي پر مريضن. ڊاڪٽرن. پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ شهرين جي جانن جي حفاظت جو هڪ اهم معاملو آهي. سيني اسپتال انتظاميا کي باهہ جي حفاظت جي ايس او پيز کي مڪمل طور تي لاڳو ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي عملي کي باهہ وسائڻ. هنگامي انخلا. بچاءُ ۽ پهرين امداد ۾ عملي تربيت پڻ فراهم ڪرڻ گهرجي. سول ڊفينس سکر شهر جي سيني اهم ادارن. خاص طور تي اسپتالن. اسڪولن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي باهہ جي حفاظت جي ايس او پيز جو جائزو ۽ آگاهي ۽ تربيتي سرگرمين کي جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 11

واڙ اٿارڻ ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي جدوجهد ڪانپوءِ ماحوليات کاتي جي ٽيم جهمپير پهچي وئي. جتي گندي پاڻي جا سيمپل حاصل ڪري ليبارٽري ٽيسٽ لاءِ موڪليا ويا. ان موقعي تي ايس ٽي پي صدر رحمان پالاري. سينئر صحافي اڪبر شورو ۽ صحافي صدام حسين ميربحر پڻ موجود هئا. اڳواڻن ماحوليات کاتي جي ٽيم کي گندي پاڻي جي ڇوڙ ۽ ان سبب ڪينجهر ڍنڍ کي پيش ايندڙ امڪاني ماحولياتي نقصان بابت آگاهي ڏني. ايس ٽي پي اڳواڻن ۽ صحافين جو چوڻ هو تہ ڪينجهر ڍنڍ سنڌ جو اهم قدرتي ۽ آبي اثاثو آهي. جنهن جي ماحولياتي اهميت کي نظر ۾ رکندي ان کي گندي پاڻي ۽ آلودگي کان بچائڻ لاءِ فوري ۽ مستقل بنيادن تي اثرائتا قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن. هنن اميد ظاهر ڪئي تہ ليبارٽري ٽيسٽ جي رپورٽ سامهون اچڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن پاڻي آلودگي جو سبب ثابت ٿيو تہ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. جڏهن تہ جهمپير شهر جي گٽرن جو پاڻي ڪينجهر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ٿيڻ کان مستقل طور روڪڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 12

شرڪت. ذوڪري ۾ آقا دو جهان حضرت محمد مصطفيٰ صہ ۽ امام جعفر صادق عليہ السلام جي ولادتِ باسعادت جي خوشيءَ ۾ علمدار چوڪ تي جشنِ صادقين صلوات علهيا جي سلسلي ۾ عظيم الشان جلسو منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ هزارين عاشقان رسول صہ. بزرگن. نوجوانن. ۽ ٻارڙن وڏي عقيدت ۽ محبت سان شرڪت ڪئي. تفصيل موجب ذوڪري ۾ جشن صادقين صلوات الا عليها جي عظيم الشان جلسي جو اهتمام شيعا علماءَ ڪائونسل ذوڪري جي صدر زوار ارشاد احمد ڀڳهيو. زوار مظفر حسين سوهو. لاڙڪاڻو ڊويزن صدر ذاڪر حسين ڀڳهيو ۽ زوار عرفان علي ڀڳهيو پاران ڪيو ويو. جلسي ۾ علامہ سيد عروج حسين زيدي. منقبت خوان سيد عرفان حيدر. مولانا ظهور احمد روحاني ۽ منقبت خوان فواد جعفري خطاب ۽ منقبتون پيش ڪيون. ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو تہ حضور اڪرم صہ ۽ امام جعفر صادق عليہ السلام جي ولادتِ باسعادت سان ڪائنات کي نور. هدايت ۽ رحمت نصيب ٿي. جڏهن تہ انسانيت کي سچائي. امن ۽ صحيح راهہ تي هلڻ جو درس مليو. هنن چيو تہ مسلمانن کي گهرجي تہ حضور اڪرم صہ جي سيرتِ طيبہ تي عمل ڪندي معاشري ۾ امن. محبت. اخوت. برداشت ۽ ڀائيچاري کي فروغ ڏين. سندن چوڻ هو تہ نبي ڪريم صہ جن جي ڏسيل واٽ تي هلندي ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي. جشنِ صادقين صلوات علهيا جي جلسي ۾ پ پ تعلقي صدر منير احمد سوهو. زوار وحيد قاضي. زين العابدين ڀڳهيو. زوار فدا حسين ابڙو. زوار قاضي مامون زيب.زاهد علي ڪلهوڙو. ڀهلول گوپانگ. عرفان پناڻ سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جلسي دوران عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندي نعرا پڻ هنيا ويا. جڏهن تہ سمورو ماحول روحاني ۽ مذهبي جوش سان ڀرپور رهيو

بقايا عوامي سوچ 13

ن ٺٽو جو دورو. جديد سهولتن ۽ عملي جي خدمتن کي ساراهيو _ صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ضلعي هيڊڪوارٽر سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) اسٽيشن ٺٽو جو دورو ڪيو. جتي ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ۽ ريسڪيو 1122 جي ٻين آفيسرن ۽ اهلڪارن سندس آجيان ڪئي. دوري دوران ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ريسڪيو 1122 ٺٽو جي عملي جي پيشورانہ صلاحيتن. فرض شناسي. لگن ۽ عوام کي چوويھ ڪلاڪ فراهم ڪيل هنگامي خدمتن کي ساراهيو. ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ريجنل ڊائريڪٽر کي اسٽيشن جي ڪارڪردگي ۽ سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ريسڪيو اسٽيشن ۾ موجود جديد ترين اوزارن. ايمرجنسي گاڏين. اسٽور ۽ ٻين سهولتن جو تفصيلي معائنو ڪيو. ان موقعي تي هن ريسڪيو 1122 جي جديد سهولتن. بهترين انتظامن ۽ ڪنهن بہ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اداري جي عملي تياري کي ساراهہ جوڳو قرار ڏنو. ريجنل ڊائريڪٽر چيو تہ ريسڪيو 1122 جو عملو ڏکين ۽ هنگامي حالتن ۾ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جيڪو ساراهہ جوڳو آهي

بقايا عوامي سوچ 14

لاڳاپيل ادارا مڪمل تياري يقيني بڻائين. درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جي موجوده وهڪري. حفاظتي بندن ۽ واهن جي صورتحال تي سخت نظر رکي وڃي. جڏهن تہ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا ضروري قدم وقت سر مڪمل ڪيا وڃن. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ضلعي ۾ قدرتي آفتن ۽ ٻين هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل رابطو ۽ انتظام وڌيڪ اثرائتا بڻايا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر اجلاس ۾ ٻوڏ کان بچاءَ جي تيارين. درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جي موجوده وهڪري. حفاظتي بندن ۽ واهن تي جاري ترقياتي ۽ مرمتي ڪمن. ڪتن جي چڪ جي واقعن ۽ ريبيز کان بچاءَ واري مهم جي قدمن جو جائزو ورتو. اجلاس ۾ سرڪاري عمارتن ۽ آفيسن ۾ فائر سيفٽي انتظامن. جڏهن تہ روڊن ۽ هاءِ ويز تي احتياطي ۽ حفاظتي سائنزلڳائڻ بابت پڻ غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ 6 سيپٽمبر يومِ دفاع پاڪستان جي حوالي سان تيارين جو پڻ جائزو ورتو ويو. ڊپٽي ڪمشنر سمورن لائين ڊپارٽمينٽن کي هدايت ڪئي تہ يومِ دفاع جي موقعي تي تقريبن ۽ مختلف پروگرامز ۽ سرگرمين جي انعقاد لاءِ اثرائتا انتظام ڪيا وڃن ۽ ان حوالي سان ضلعي انتظاميا سان مڪمل رابطو رکيو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر درياءِ سنڌ ۽ واهن ۾ وهنجڻ ۽ ترڻ تي لاڳو ڪيل دفعو 144 تي اثرائتي نموني عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ دريائي ۽ واهن وارن علائقن. حفاظتي بندن ۽ پڪنڪ پوائنٽن تي گشت وڌايو وڃي ۽ ضروري حفاظتي قدم کنيا وڃن. تہ جيئن شهرين کي خطرناڪ هنڌن تي وڃڻ ۽ وهنجڻ کان روڪي سگهجي. خاص طور تي هالا اولڊ پڪنڪ پوائنٽ ۽ پانوتہ جي آس پاس خاص نگراني يقيني بڻائي وڃي. اجلاس دوران مختلف لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ نمائندن پنهنجي پنهنجي کاتن پاران امڪاني هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ. ٻوڏ کان بچاءَ. حفاظتي قدمن. فائر سيفٽي. ريبيز کان بچاءَ. يومِ دفاع جي تقريبن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن بابت ڪيل انتظامن ۽ ايندڙ لائحہ عمل تي تفصيلي بريفنگ ڏني. ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي تہ سمورا لاڳاپيل کاتا پنهنجي پنهنجي شعبن ۾ حفاظتي قدمن کي يقيني بڻائيندي اڳيرائي بابت ضلعي انتظاميا کي آگاهہ ڪن. جڏهن تہ ڪنهن بہ هنگامي صورتحال ۾ فوري ۽ گڏيل ردعمل لاءِ ادارن وچ ۾ اثرائتو رابطو برقرار رکيو وڃي. اجلاس ۾ ضلعي مٽياري سان تعلق رکندڙ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 15

ٽيڪٽر ٽريشر گڏهہ گاڏي مٿان چڙهي ويو. جنهن جي نتيجي ۾ گڏهہ گاڏي وارو زخمي ٿي پيو. زخمي جي سڃاڻپ ڪاٺ جي مزدوري ڪندڙ رحيم بخش ولد رسول بخش تارو. رهواسي ڳوٺ علو تارو. طور ٿي آهي. ذريعن موجب ٽيڪٽر ڊرائيور گل محمد ڊومڪي ۽ ساٿس موجود رستم ڊومڪي گندڪوٽ جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا. حادثي کان پوءِ علائقي جي معزز اڳواڻ وڏيرو شبير شورو انسانيت جو مثال قائم ڪندي زخمي رحيم بخش کي پنهنجي گاڏي ۾ کڻي فوري طور علاج لاءِ اسپتال روانو ٿي ويو. واقعي کان پوءِ ڪينجهر پوليس ٽيڪٽر ۽ ڊرائيور کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 16

ب سان ملهائي وئي سالگره تقريب ٽائون چيئرمين صفورا راشد خاصخيلي جي ميزباني ۾ منعقد ٿي. تقريب ۾ صدر پي پي پي يوٿ آرگنائيزيشن سنڌ ۽ جنرل سيڪريٽري پي پي پي شهيد بينظير آباد ڊويزن جاويد نياب لغاري. صدر پي پي پي يوٿ آرگنائيزيشن لاڙڪاڻو ڊويزن آفتاب ڊل جکراڻي. صدر پي پي پي يوٿ آرگنائيزيشن ايسٽ بادشاهہ چانڊيو. حسن شاهہ جلاني هلار نذير ناريجو. عزيز چانڊيو ۽ رئيس ڪاشف چانڊ سميت پي پي پي ۽ پي پي پي يوٿ جي ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي خاص ڳالهہ ڪيڪ ڪٽڻ جي رسم هئي جنهن ۾ سيني اڳواڻن گڏجي نواب عدنان چنڊ جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس واڌايون ڏنيون. هن موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو تہ نواب عدنان چنڊ پارٽي جو سرگرم ۽ محنتي ڪارڪن آهي جنهن پنهنجي ڪوشش سان يوٿ کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ نوجوان قيادت ئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي مشن کي اڳتي وڌائيندي. نواب عدنان چنڊ سيني جا ٿورا مڃيا هن اعزاز لاءِ ۽ آخر ۾ ملڪ جي سلامتي. پارٽي جي ڪاميابي ۽ نواب عدنان چانڊ جي ڊگهي عمر لاءِ دعا ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 17

نگر اسلم چانڊيو ڪان 2026 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. موٽر سائيڪل ڦر ٿيڻ واري واقعي خلاف چانڊيو برادري جي ماڻهن مٽياڻي ٽائي اڳيان ٽائر ساڙي احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاج ڪندڙن چيو تہ علائقي ۾ بدامني وڌي وئي آهي. جڏهن تہ ڏينهن ڏٺي جو نينگر کان موٽر سائيڪل ڦر ٿيڻ پوليس جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان آهي. احتجاج ڪندڙن مٽياڻي پوليس کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور ڦر ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي. واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي. چانڊيو برادري جو چوڻ هو تہ جيستائين ڦرتيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي جوابدارن خلاف ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. تيستائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 18

گهٽائڻ جو مطالبو. جيڪب آباد ۾ اٽي جي اگهہ ۾ مسلسل واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقو سخت پريشانيءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي. اٽي جي قيمت وڌڻ ڪري روزاني اجرت تي گذارو ڪندڙ خاندانن لاءِ ٻن ويلن جي ماني پچائڻ بہ ڏکيو بڻجي ويو آهي. شهرين جو چوڻ آهي تہ مهانگائي اڳ ئي سندن گهريلو بجيٽ کي سخت متاثر ڪيو آهي. مٿان وري اٽي جي قيمت ۾ اضافي سبب عام ماڻهو جون مشڪلاتون وڌي ويون آهن. اٽو في ڪلو 140 کان 150 روپيا في ڪلو وڪامجي رهيو آهي. غريب خاندانن جو چوڻ آهي تہ آمدني ساڳي آهي. پر ڪاڌي پيتي سميت روزمره جي شين جا اگهہ مسلسل وڌي رهيا آهن. شهرين ۽ پورهيتن ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي تہ اٽي جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيس وٺي منافعا خورن خلاف اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ مهانگو اٽو وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. شهرين اميد ظاهر ڪئي آهي تہ حڪومت غريب طبقي کي رليف ڏيڻ لاءِ منافعا خورن کي لغام ڏيئي اٽي جي اگهہ ۾ گهٽتائي آڻيندي. جيئن عام ماڻهو عزت سان پنهنجي خاندان لاءِ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪري سگهي

بقايا عوامي سوچ 19

والدين جو چوڻ آهي تہ ننڍڙا معصوم ٻار سخت گرمي ۽ ڊگهي اسڪول ٽائيم سبب اسڪول کان دير سان گهر پهچن ٿا. جنهن ڪري هو بک. ٿڪاوٽ ۽ بيچيني جو شڪار ٿي وڃن ٿا. والدين موجب ننڍن ڪلاسز ۾ پڙهندڙ ٻار خاص طور تي موجوده اسڪول ٽائيم سبب سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. سندن چوڻ آهي تہ ٻار صبح سوير گهران نڪرڻ کان پوءِ منجهند دير سان واپس اچن ٿا. جنهن سان سندن صحت ۽ پڙهائي پڻ متاثر ٿي رهي آهي. والدين سنڌ جي تعليم واري وزير ۽ سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ معصوم شاگردن جي سهولت. صحت ۽ موسم جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اسڪولن جي وقت تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ اسڪول صبح 8:30 وڳي کان منجهند 1 وڳي تائين رکيا وڃن. والدين جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ اسڪولن جو مناسب وقت مقرر ڪرڻ سان ٻار وقت سر گهر پهچي سگهندا. ماني کائي آرام ڪري سگهندا ۽ پڙهائي تي بہ بهتر نموني ڌيان ڏئي سگهندا. هنن سنڌ سرڪار ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو آهي تہ معصوم شاگردن جي تڪليف کي نظرانداز نہ ڪيو وڃي ۽ اسڪولن جي وقت ۾ فوري طور تي تبديلي آڻي والدين ۽ شاگردن کي رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 20

محمد ابراهيم پنڊ جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب شوڪت علي مگنڍيجو. ميوو خان زئونر ۽ راضي خان برماڻي پاران پروفيسر قربان علي پنڊ جي نگراني ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ يوسي خداآباد سميت مختلف يوسين سان تعلق رکندڙ استادن. دوستن ۽ معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ٽي اي او دادو نياز الاهي ابڙو. هيڊ ماسٽر محمد بچل ڀوڪ. پ پ الف جي ضلعي ۽ تعلقي اڳواڻن محمد اسحاق ساقي. منصور احمد ڪلهوڙو. پرويز علي شاهہ. پرديپ ڪمار. وائيس چيئرمين محمد علي پنهور. مير مظفر رانجهاڻي. سينيئر استاد حاجي غلام مصطفيٰ چانڊيو. محمد پريل ٻڪيرو. عبدالعزيز خشڪ. ڊاڪٽر ابرار احمد آرائين. امتياز احمد آرائين. محمد عثمان آرائين. منظور خاصخيلي. منظور احمد پنڊ. نظر علي برماڻي. معشوق علي برماڻي. معشوق علي پتو. امير پنهور. محمد صادق چنا. قربان علي چنا. شوڪت علي لنڊ. محمد خان ميمڻ (پان). نعمت الله ميمڻ. صوفي غلام مصطفيٰ مگنڍيجو. الهورايو مگنڍيجو. محمد علي وگهيو. نياز حسين چانڊيو. گل حسن پنهور. اصغر پنڊ. ايم. هاشم لغاري. مجيب عباسي. غلام حسين خاصخيلي. فدا حسين پٽي. امير مسلم پنڊ. حبيب الله پنڊ. زاهد حسين لنڊ. لعل بخش لانگاهہ. لکمير برماڻي. سبحان برماڻي. الطاف حسين ڀوڪ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مهمانن ۽ ساٿي استادن پاران رٽائر ٿيندڙ سينيئر استاد محمد ابراهيم پنڊ کي سنڌي ٽوپيون. اجرڪون. لونگيون ۽ ٻيا قيمتي تحفا پيش ڪيا ويا. جڏهن تہ کيس گلن ۽ نوٽن جا هار پڻ پارايا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي مختلف مهمانن ۽ ساٿي استادن چيو تہ سائين محمد ابراهيم پنڊ پنهنجي سڄي ملازمت دوران فرض شناسي. پابندي ۽ محنت سان پنهنجون ذميواريون نڀايون. هن ڪيترن ئي نسلن جي شاگردن کي تعليم ۽ بهتر تربيت فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس تعليمي ۽ خدمتي ڪردار هميشہ ياد رکيو ويندو. آخر ۾ رٽائر ٿيندڙ سينيئر استاد محمد ابراهيم پنڊ تقريب کي خطاب ڪندي شرڪت ڪندڙ سمورن معزز مهمانن. ساٿي استادن. دوستن ۽ شاگردن جا ٿورا مڃيا. هن چيو تہ ساٿين ۽ شاگردن پاران ملندڙ محبت. عزت ۽ احترام سندس لاءِ هميشہ يادگار رهندو

بقايا عوامي سوچ 21

ن منعقد ڪئي وئي. چونڊ اجلاس ۾ پاڪستان فشرفوڪ فورم ضلع بدين جي ضلعي صدر ايم سومار ملاح. سينيئر نائب صدر ساجن شيخ. گورننگ باڊي ميمبر ايم اسلم ملاح ۽ سوشل ورڪر اتحاد ضلع بدين جي صدر مولوي عبدالواجد سمون شرڪت ڪئي. اجلاس دوران متفقہ راءِ سان نئين يونٽ جي باڊي جو انتخاب عمل ۾ آندو ويو. جنهن تحت جمون ملاح کي يونٽ صدر ۽ نياز ملاح کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. جڏهن تہ ٻين عهديدارن جي پڻ چونڊ مڪمل ڪئي وئي. تقريب جي پڄاڻي تي ضلعي قيادت طرفان سمورن چونڊيل عهديدارن کان سندن عهدن جو حلف ورتو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن اميد ظاهر ڪئي تہ نئين چونڊيل باڊي علائقي جي ماهيگير برادري جي حقن جي تحفظ. تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ سماجي توڙي فلاحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڀرپور ۽ مؤثر ڪردار ادا ڪندي

بقايا عوامي سوچ 22

نفرنس ڪندي چيو آهي تہ سنڌس پٽ سليم خاصخيلي مبينا طور نشي جو عادي بڻجي چڪو آهي ۽ هاڻي سنڌس ۽ سنڌس خاندان لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻجي رهيو آهي محمد رمضان جو چوڻ هو تہ سنڌس پٽ مٿس مبينا طور قاتلاڻو حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن تہ گهر جو سامان پڻ وڪڻي رهيو آهي. هن ٻڌايو تہ هن معاملي بابت ماڊل ٿاڻي بدين جي ايس ايڇ او کي شڪايت پڻ ڪئي. پر پوليس سنڌس ڳوٺ وڃڻ بعد اهو چئي واپس موٽي آئي تہ اهو علائقو سنڌن حد ۾ نٿو اچي. محمد رمضان خاصخيلي ايس ايس پي بدين ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان اپيل ڪئي تہ سنڌس شڪايت جو نوٽيس وٺي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کيس ۽ سنڌس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هن نيشنل پريس ڪلب جي صحافين وسيلي پنهنجو آواز اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ جي پڻ اپيل ڪئي

بقايا عوامي سوچ 23

. تفصيل موجب يونين ڪائونسل جيئندو راڄپر ۾ پ پ پ چيئرمين مير محسن ٽالپر جي ڳوٺ ٽنڊو مير علي اڪبر ۽ گهر تي مسلح افرادن پاران مبينا فائرنگ جي خلاف ماڻهن لوڏي چوڪ تي احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو. مير محسن ٽالپر .نياز سومرو بندوق.پستول جا ڪالي ڪوڪا ڏيکاريندي ميڊيا کي ٻڌايو تہ گذريل رات مسلح افرادن گهر تي حملو ڪيو ۽ فائرنگ ڪئي جنهن جو فوري اطلاع ايس ايڇ او محرابپور راجا نويد سرفراز کي ڏنو ويو پر هو موقعي تي نہ پهتو ڳوٺ وارن جي مزاحمت تي ماڻهو فرار ٿي ويا اسان ايس ايڇ او جي نااهلي خلاف احتجاج ڪرڻ تي مجبور آ هيون ايس ايس پي نوشهروفيروز نوٽيس وٺي

بقايا عوامي سوچ 24

تہ سرڪاري طور اٽي جو مقرر ڪيل اگهہ 5000 رپيا في مڻ ٻڌايو پيو وڃي. اٽي جي اگهہ ۾ واڌ سبب اڳ ئي مهانگائي جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ عوام تي وڌيڪ معاشي بار پئجي رهيو آهي. شهرين لاڳاپيل انتظاميا ۽ خوراڪ کاتي کان مطالبو ڪيو آهي تہ سرڪاري اگهہ تي سختيءَ سان عملدرآمد يقيني بڻائي. مقرر ڪيل اگهہ کان وڌيڪ رقم وصول ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هوڏانهن چڪي مالڪن جو چوڻ آهي تہ نئون ڪوٽ جي فوڊ گودام ۾ هن وقت گندم دستياب نہ هجڻ سبب کين پنهنجي ضرورت جي گندم کليل مارڪيٽ مان مهانگي اگهہ تي خريد ڪرڻي پوي ٿي. چڪي مالڪن موجب مارڪيٽ ۾ گندم لڳ ڀڳ 5000 رپيا في مڻ جي اگهہ تي خريد ڪئي پئي وڃي. جنهن کان پوءِ بجلي. مزدوري ۽ چڪي هلائڻ سميت ٻين خرچن جو بار پڻ برداشت ڪرڻو پوي ٿو چڪي مالڪن جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ جيڪڏهن کين سرڪاري اگهہ تي گندم فراهم ڪئي وڃي تہ هو بہ اٽو مقرر ڪيل سرڪاري اگهہ مطابق وڪرو ڪرڻ ۾ آساني محسوس ڪندا شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ خوراڪ کاتو ۽ ضلعي انتظاميا معاملي جو فوري نوٽيس وٺي نئون ڪوٽ فوڊ گودام ۾ گندم جي موجودگي. اٽي جي سرڪاري اگهن ۽ کليل مارڪيٽ ۾ گندم جي قيمتن جو جائزو وٺن. جيئن عوام کي مقرر ڪيل سرڪاري اگهہ تي اٽو فراهم ٿي سگهي ۽ اٽي جي اگهن ۾ من پسند واڌ جو تدارڪ ممڪن بڻجي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 25

ورخاص جو اهم تنظيمي اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ جمهوري طريقيڪار تحت ووٽنگ ذريعي لاٽر ونگ جي نئين ڪابينا چونڊي وئي. اجلاس ۾ اڪثريتي راءِ سان ايڊووڪيٽ قائم ڪاشف ڀوڙ کي صدر ۽ ايڊووڪيٽ محمد رفيق منگريو کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. نئين ڪابينا ۾ ايڊووڪيٽ مير سيف الله ٽالپر سينيئر نائب صدر. ايڊووڪيٽ انيس الرحمان پناڻ. ايڊووڪيٽ شاهنواز لغاري. ايڊووڪيٽ شهروز مهر. ايڊووڪيٽ رستم مهر. ايڊووڪيٽ عرض محمد انڙ ۽ بئريسٽر عبدالستار مهر نائب صدر. ايڊووڪيٽ مراد درس ۽ ايڊووڪيٽ قبول شر جوائنٽ سيڪريٽري. ايڊووڪيٽ ڏنيش جاٽ انفارميشن سيڪريٽري. ايڊووڪيٽ فياض شر آفيس سيڪريٽري. ايڊووڪيٽ لالا نويد فنانس سيڪريٽري ۽ ايڊووڪيٽ وشن چند جاٽ ميڊيا ڪوآرڊينيٽر چونڊيا ويا. اجلاس دوران لاٽرونگ جي تنظيم سازي ۽ پارٽي جي تنظيمي سرگرمين کي وڌيڪ فعال بڻائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جنهن جي نگراني مبارڪ علي مهر ڪئي. شرڪت ڪندڙن نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي تہ هو لاٽر ونگ کي وڌيڪ منظم ۽ اثرائتو بڻائي پارٽي جي تنظيمي ڍانچي کي مضبوط ڪندا. تنظيم سازي جو اهو عمل پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سائين سيد صدرالدين شاهہ راشدي جي خاص هدايتن تي مڪمل ڪيو ويو. ان موقعي تي مبارڪ علي مهر چيو تہ پارٽي قيادت جي هدايتن مطابق ضلعي ميرپورخاص ۾ مختلف ونگز کي فعال بڻائڻ لاءِ ڪم جاري آهي ۽ تنظيم سازي جو عمل مستقبل ۾ بہ ساڳئي جذبي سان جاري رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 26

۾ تعليمي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ ٽي اي او سيڪنڊري محمد علي خشڪ علي محمد بوزدار ۽ اڳوڻو هيڊماسٽر محمد ايوب سولنگي خاص طور تي موجود هئا. اسڪول جي شاگردن حضور اڪرم صہ جي مبارڪ سيرت ۽ فرمانن تي تقريرون ڪيون ۽ نهايت عقيدت سان نعتون پڙهيون تقريب کي خطاب ڪندي نامور عالم دين علامہ غلام محي الدين سهڙي نبي ڪريم صہ خاتم النبين جي زندگي اخلاقِ حسنہ ۽ اسوه حسنہ تي تفصيلي روشني وڌي. پان سيدآباد جي مشهور نعت خوان عبدالمجيد چنا پنهنجي دلڪش آواز ۾ نعتون پڙهي تقريب جي ماحول کي روحاني رنگ بخشيو تقريب جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن ۾ ننگر تقسيم ڪيو ويو جڏهن تہ علامہ غلام محي الدين سهڙو ملڪ جي سلامتي ترقي امن ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري

بقايا عوامي سوچ 27

ار سينيئر صحافي ريجنل يونين آف جرنلسٽ سنڌ جي صدر خان محمد ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيڻ واري تقريب ۾ خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ۾ مجيد پنيرو پڻ موجود هو. سينيئر صحافي خان محمد وڌيڪ چيو تہ تاريخ ان ڳالهہ جي گواهہ آهي تہ 1947ع ۾ لکن جي تعداد ۾ هندستان کان آيل مهاجرن کي سنڌ آڌرياءُ ڪيو ۽ انهن کي جيءُ ۾ جايون ڏنيون. هن چيو تہ اڄ اسان جي سنڌ ماءُ کي ورهائڻ جي ڳالهہ ڪندڙ احمق جي جنت ۾ رهن ٿا. سنڌي ماڻهن جوي جدوجهد ۾ فرنٽ لائن وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو تہ ڪالهہ تائين سنڌ جو صحافي ننڌڻڪو ۽ لاوارث هو پر اڄ سنڌس مالڪي تي رهي آهي ۽ اسين سنڌ جي صحافين جو ڪيس ۽ انهن جي حڪومتي سطح تي مالي سهائتا ڪرائي آهي. هن چيو تہ اميد ٿا ڪيون تہ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي ست قلم جي طاقت ذريعي پنهنجي صحافي دوستن جي مسئلن جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪندا. ان کان اڳ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي صدر. صدرالدين شيخ. جنرل سيڪريٽري آصف جتوئي. نائب صدر سجاد چچڙو پڻ خطاب ڪيو. آيل مهمانن ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي چونڊيل عهديدارن کي اجرڪن جا تحفا پڻ ڏنا

بقايا عوامي سوچ 28

علي ڪوسو پنهنجي نوجوان علي مراد ڪوسو ۽ ڳ هن پٽ نواز علي ڪوسو ثريا ڪوسو سان پيار جو پرڻو ڪيو هو جنهن بعد ناري جا وارث فتح علي. يوسف. اسد. شوڪت. دلدار. شهمير. دلبر. دينو. بشام ڪوسو اسان جو ۽ خاندان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هنن منهنجي نهن ثريا ڪوسو کي اغوا ڪري پاڻ وٽ يرغمال بڻائي رکيو آهي ۽ مسلسل 6 مهينن کان ٻي گهر ۽ دربدر واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون مخالفن گهرن تي پوليس جيان هٿيار کڻي چڙهائي ڪئي زندگيون بچائي نڪتا آهيون گهرن جو سمورو الهہ تلهہ کڻي ويا آهن ۽ واپس گهرن ۾ رهڻ نہ ٿا ڏين ۽ مسلسل حراسان ڪندا رهن ۽ اسان کي مارڻ لاءِ ڳولي رهيا آهن جنهن ڪري ڪنهن هڪ هنڌ تي رهي بہ نہ ٿا سگهون اسان قيمتي 5 ايڪڙ زمين تي بہ قبضو ڪري هٿياربند ويهاري ڇڏيا اٿن زمين آباد ڪرڻ بہ نہ ٿا ڏين اسان تنگ ٿي ويا آهن هنن ايس ايس پي جامشورو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي اپيل ڪئي تہ نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي تہ جيئن پنهنجي ڳوٺ ۾ واپس وڃي رهي سگهون ۽ زمين قبضو ختم ڪرايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 29

عبدالخالق چنا جو چوڻ هو تہ هي اسڪول مٽياري ضلعي جي بهترين اسڪولن ۾ شامل ٿئي ٿو جنهن ۾ ڪم ڪندڙ استاد بهترين انداز ۾ شاگردن کي تعليم فراهم ڪري رهيا آهن جڏهن تہ شاگردن ۾ پڻ سکڻ جو تمام گهڻو شوق آهي ۽ اسڪول جو انوائرونمينٽ تمام بهترين آهي جنهن کي ڏسي دلي طور تي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي تہ سنڌ ۾ اهڙا بهترين تعليمي ادارا پڻ موجود آهن. انهن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ آئون هن علائقي جي ماڻهن کي گذارش ڪندس تہ اهڙا ادارا قسمت وارن کي نصيب ٿين ٿا علائقي واسي وڌ کان وڌ هن تعليمي اداري مان فائدو حاصل ڪن ۽ پنهنجي اولاد کي بهترين تعليم ۽ تربيت ڏيارڻ لاءِ هن اسڪول ۾ داخل ڪن.

مقرري جو اعلان

روزاني عوامي سوچ ڪراچي لاءِ غلام نبي ميرجت کي تعلقہ رپورٽر صالح پٽ ضلعہ سکر مقرر ڪيو ويو آهي خبرن ۽ اشتهارن لاءِ ساڻس هن نمبر تي رابطو ڪيو وڃي.
03003123570

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

تلهار ضلعي بدين ۾ دل جي اسپتال نه هئڻ، لاڙ ڪئمپس کي يونيورسٽي جو درجو نه ملڻ خلاف احتجاج

سنڌ ۾ جيڪي به ڪئمپس آهن انهن کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو ويو آهي

ضلعي بدين ۾ لاڙ ڪئمپس کي اجان تائين يونيورسٽي جو درجو نتو ڏنو وڃي

ضلعي بدين ۾ دل جي اسپتال نه هئڻ جي ڪري غريب ماڻهون ايمرجنسي ۾ ٽنڊو محمد خان يا حيدرآباد نٿا پهچي سگهن

تلهار (رپورٽ مختياراحمد ملاح) تلهار ضلعي بدين ۾ دل جي اسپتال نه هئڻ، لاڙ ڪئمپس کي يونيورسٽي جو درجو نه ملڻ ۽ سول اسپتال تلهار جي عمارت جو تعميراتي ڪم گذريل ٽن سالن کان رولڙي جو شڪار هئڻ سميت وڌندڙ مهانگائي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

15 ڪروڙ روپيا ترقياتي منصوبن تي خرچ ٿيڻ بدران ڪاغذن ۾ خرچ ٿيڻ جي خلاف داخل ڪيل پٽيشن جي ٻڌڻي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) هاءِ ڪورٽ بار جي صدر وڪيل شوڪت راهمون پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

تعليمي بورڊ پاران ٻارهين جماعت هيومينيٽيز، ڪامرس ۽ ٻين گروپن جي نتيجن جو اعلان

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) تعليمي بورڊ پاران ٻارهين جماعت هيومينيٽيز، ڪامرس ۽ ٻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

تلهار: 3 ڪروڙ 29 لک جي چيڪ واري معاملي ۾ نئون رخ، ٻنهي ڌرين جا الزام رد

پ پ اڳواڻن ۽ نامزد ڌرين جمالي هائوس تلهار ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مير شاهد احمد ٽالپر جا الزام رد ڪري ڇڏيا

معاملو رڳو چيڪ جو ناهي، پر 2023ع جي مڪاني چونڊن ۾ سياسي مخالفت ۽ شڪست جو نتيجو آهي

سوشل ميڊيا تي وائرل مبينا آڊيو رڪارڊنگز ۽ چيڪ واري معاملي سميت سمورن معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي اصل حقيقت سامهون آندي وڃي

تلهار (رپورٽر مختياراحمد ملاح) تلهار: 3 ڪروڙ 29 لک جي چيڪ واري معاملي ۾ نئون رخ، ٻنهي ڌرين جا الزام رد 3 ڪروڙ 29 لک رپين جي چيڪ ۽ زرعي زمين جي مبينا خريد و فروخت واري معاملي تي پ پ اڳواڻن ۽ نامزد ڌرين جمالي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٽنڊوآدم ۾ اميرزئي مينگل قبائل جو هڪ هم گڏجاڻي

ڳوٺ مولابخش اميرزئي مينگل جي مينگل فارم هاوس ۾ اميرزئي مينگل قوم جو هڪ پروقار تقريب

اينڊز ميٽنگ ڊسمبر ۾ سرهاڙي ۾ رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي لاءِ دعا گهري وئي

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم ۾ اميرزئي مينگل قبائل جو هڪ هم گڏجاڻي تي جنهن ۾ برادري جي مسئلن تي ويچاريو ويو ٽنڊوآ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جي انتظاميا شهر ۾ حدخلين خلاف ڪارروائي تيز ڪري ڇڏي

شهر جي مختلف علائقن، مک روڊن ۽ رستن تان غيرقانوني قبضا هٽائڻ لاءِ وڏو آپريشن جاري

دڪانن جا وڌايل حصا، ريڙها ۽ ٻيون حدخليون هٽايون پيون وڃن، جنهن دوران ڪيترن ئي هنڌن تي قبضا ختم ڪرايا ويا

حدخلين سبب شهر جي روڊن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ سان گڏ پيادل هلندڙ شهرين کي به سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) هاءِ ڪورٽ ميرپورخاص سرڪٽ بينچ جي سخت حڪمن بعد ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جي انتظاميا شهر ۾ حدخلين خلاف ڪارروائي تيز ڪري ڇڏي آهي. شهر جي مختلف علائقن، مک ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي الهيار شر ۾ گذريل ائن مهينن کان استادن جي مبينا غيرحاضري خلاف احتجاج

جتي تعليم کاتي جي عملدارن ۽ ڊي او ايجوڪيشن نبي بخش گرگيز خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

احتجاج جي اڳواڻي هنگورنو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين رخسانه شر، عبدالحميد شر ۽ اسڪول جي شاگردن ڪئي

وڏي انگ ۾ والدين ۽ علائقي واسين پڻ شرڪت ڪئي، مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي تعليم کاتي جي مبينا نااهلي خلاف آواز اٿاريو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص تعلقي سنڌڙي جي هنگورنو ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي الهيار شر ۾ گذريل ائن مهينن کان استادن جي مبينا غيرحاضري خلاف شاگردن، والدين ۽ ڳوٺاڻن ميرپور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ريجنل ڊائريڪٽر جو ضلعي هيڊڪوارٽر سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) اسٽيشن ٺٽو جو دورو

صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ضلعي هيڊڪوارٽر سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) اسٽيشن ٺٽو جو دورو ڪيو

جتي ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ۽ ريسڪيو 1122 جي ٻين آفيسرن ۽ اهلڪارن سندس آجيان ڪئي

ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ريجنل ڊائريڪٽر کي اسٽيشن جي ڪارڪردگي ۽ سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) صوبائي محتسب جي ريجنل ڊائريڪٽر جو ضلعي هيڊڪوارٽر سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) اسٽيشن ٺٽو جو دورو، جديد عملي جي خدمتن کي ساراهيو صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون جي صدارت هيٺ اينڊز پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ بابت اهم اجلاس

پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ بابت ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون عمران الحق جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد ٿيو

اجلاس ۾ روينيو، صحت، تعليم سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي

اجلاس دوران پوليو مهم دوران فيلڊ ۾ پيش اينڊز مختلف چئلينجز ۽ مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدڊورو) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون جي صدارت هيٺ اينڊز پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ بابت اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي هدايتن تي 21 سيپٽمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

سول ڊفينس سکر ٽيم شهر جي مختلف اسپتالن ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز جو جائزو جاري رکيو

پوسٽ واردن شيخ عدنان ۽ انچارج آفيسر ميڊيا رياض صديقي ريڊ ڪريسنٽ اسپتال ۽ مصطفائي ٽرسٽ اسپتال جو دورو

فائر سيفٽي ايس او پيز، حفاظتي انتظامن ۽ عملي جي تربيت سميت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ۽ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪنٽرولر سول ڊفينس سکر نادر شهزاد خان جي خاص هدايتن تي، سول ڊفينس سکر ٽيم شهر جي مختلف اسپتالن ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز جو جائزو جاري رکيو. ان سلسلي ۾، ميان جهانگير عباسي، انچارج آفيسر سول ڊفينس سکر، ڊپٽي چيف واردن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

جهمپير جو گندو پاڻي ڪينجهر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ٿيڻ خلاف آواز رنگ لاتو، ماحوليات کاتي جي ٽيم پاران سيمپل حاصل

جيڪڏهن پاڻي آلودگي جو سبب ثابت ٿيو ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

جهمپير شهر جي گٽرن جو پاڻي ڪينجهر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ٿيڻ کان مستقل طور روڪڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جهمپير جو گندو پاڻي ڪينجهر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ٿيڻ خلاف آواز رنگ لاتو، ماحوليات کاتي جي ٽيم پاران سيمپل حاصل جهمپير شهر جي گٽرن جو گندو ۽ آلود پاڻي ڪينجهر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ٿيڻ خلاف سوشل ميڊيا تي مسلسل آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

خدا آباد: سينيئر استاد محمد ابراهيم پنڊ جي مان ۾ الوداعي تقريب، استادن ۽ دوستن جي وڏي شرڪت

ساٿين ۽ شاگردن پاران ملندڙ محبت، عزت ۽ احترام سندس لاءِ هميشه يادگار رهندو

شرڪت ڪندڙ سمورن معزز مهمانن، ساٿي استادن، دوستن ۽ شاگردن جا ٿورا مڃيا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) خدا آباد اسٽيشن بوائز پرائمري اسڪول جي سينيئر استاد ۽ مختلف اسڪولن ۾ هيڊ ماسٽر جون ذميواريون نڀائيندڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

جيڪب آباد ۾ اسڪولن جي وقت بابت والدين پريشان، معصوم شاگرد دير سان گهر پهچڻ سبب بک ۽ ٿڪاوٽ جو شڪار

معصوم شاگردن جي تڪليف کي نظرانداز نه ڪيو وڃي

اسڪولن جي وقت ۾ فوري طور تي تبديلي آڻي والدين ۽ شاگردن کي رليف فراهم ڪيو وڃي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اسڪولن جي موجوده وقت بابت شاگردن جي والدين ۾ ڳڻتي وڌي وئي آهي، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

جيڪب آباد ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ سبب پورهيت طبقو سخت مايوس

غريب طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان، انتظاميا کان اگهه گهٽائڻ جو مطالبو

جيئڻ عام ماڻهو عزت سان پنهنجي خاندان لاءِ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪري سگهي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ سبب پورهيت طبقو سخت مايوس، غريب طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان، انتظاميا کان اگهه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

هٿياربندن 12 ورهين جي نينگر اسلم چانڊيو کان 2026 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل ڦري ڪري فرار

موٽر سائيڪل ڦر ٿيڻ واري واقعي خلاف چانڊيو برادري جي ماڻهن مٽياري ٽاٽي اڳيان ٽائر ساڙي احتجاجي مظاهرو

مٽياري (رپورٽ: ميول خان مستوئي) مٽياري ٽاٽي جي حد سهڙا مائنر وٽ ڳوٺ ڏٽي بخش پنهور پرسان مبينا طور هٿياربندن 12 ورهين جي ني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

پيپلز پارٽي يوٿ آرگنائيزيشن ايسٽ جي انفارميشن سيڪريٽري نواب عدنان چنڊ جي سالگره جي تقريب سان ملهائي وئي

سالگره تقريب ٽائون چيئرمين صفورا راشد خاصخيلي جي ميزباني ۾ منعقد ٿي

آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، پارٽي جي ڪاميابي ۽ نواب عدنان چانڊ جي ڊگهي عمر لاءِ دعا ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) پاڪستان پيپلز پارٽي يوٿ آرگنائيزيشن ايسٽ جي انفارميشن سيڪريٽري نواب عدنان چنڊ جي سالگره جي تقري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٺٽو. حيدرآباد قومي شاهراهه تي علي بحر گولائي وٽ هڪ افسوسناڪ حادثو پيش آيو

جتي بريڪ فيل ٿيڻ سبب ٽيڪٽر ٽريشر گڏهه گاڏي مٿان چڙهي ويو

جنهن جي نتيجي ۾ گڏهه گاڏي وارو زخمي ٿي پيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو- حيدرآباد قومي شاهراهه تي علي بحر گولائي وٽ هڪ افسوسناڪ حادثو پيش آيو، جتي بريڪ فيل ٿيڻ سبب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

امڪاني ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا مڪمل تياري يقيني بڻائين: ڊي سي

امڪاني ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا مڪمل تياري يقيني بڻائين: ڊي سي

هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا ضروري قدم وقت سر مڪمل ڪيا وڃن

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاکر چيو آهي ته امڪاني ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) اسٽيشن ٺٽو جو دورو

جديد سهولتن ۽ عملي جي خدمتن کي ساراهيو

هنگامي حالتن ۾ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جيڪو ساراهه جوڳو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) صوبائي محتسب جي ريجنل ڊائريڪٽر جو ضلعي هيڊڪوارٽر سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) اسٽيش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڏوڪري جشنِ صادقين صلوات الله عليها جي موقعي تي علمدار چوڪ تي عظيم الشان جلسو

جنهن ۾ هزارين عاشقانِ رسول صه، بزرگن، نوجوانن ۽ ٻارڙن وڏي عقيدت ۽ محبت سان شرڪت ڪئي

جلسي دوران عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندي نعرا پڻ هنيا ويا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري جشنِ صادقين صلوات الله عليها جي موقعي تي علمدار چوڪ تي عظيم الشان جلسو، هزارين عاشقان رسول صه جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين ۾ ڳوٺ الهڏنو ملاح جي يونٽ جي چونڊ مڪمل

پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين جي پليٽ فارم تان ڳوٺ الهڏنو ملاح ۾ تنظيم جي مقامي يونٽ جي چونڊ ڪاميابيءَ سان منعقد ڪئي وئي

جنهن تحت جمون ملاح کي يونٽ صدر ۽ نياز ملاح کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو

ٻين عهديدارن جي پڻ چونڊ مڪمل ڪئي وئي، تقريب جي پڇاڙي تي ضلعي قيادت طرفان سمورن چونڊيل عهديدارن کان سندن عهدن جو حلف ورتو ويو

بدين (رجب راهمون) پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين ۾ ڳوٺ الهڏنو ملاح جي يونٽ جي چونڊ مڪمل پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين جي پليٽ فارم تان ڳوٺ الهڏنو ملاح ۾ تنظيم جي مقامي يونٽ جي چونڊ ڪاميابيءَ سا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

محمد رمضان خاصخيلي جو نيشنل پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس، پٽ خلاف تحفظ جي اپيل

بدين ۾ محمد رمضان خاصخيلي ڳوٺ خليفو سائين ڏنو خاصخيلي جو رهواسي نيشنل پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس

سندس پٽ سليم خاصخيلي مبينا طور نشي جو عادي بڻجي چڪو آهي ۽ هاڻي سندس ۽ سندس خاندان لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻجي رهيو آهي

پٽ مٿس مبينا طور قاتلاڻو حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جڏهن ته گهر جو سامان پڻ وڪڻي رهيو آهي

بدين: (رجب راهمون) محمد رمضان خاصخيلي جو نيشنل پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس، پٽ خلاف تحفظ جي اپيل بدين ۾ محمد رمضان خاصخيلي ڳوٺ خليفو سائين ڏنو خاصخيلي جو رهواسي نيشنل پريس ڪلب پهچي پريس ڪا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سنڌ جي حڪمران جماعت جي يونين چيئرمين جي گهر تي فائرنگ

پوليس جي روايتي خاموشي، عوام جو لوڏي چوڪ تي احتجاج

اسان ايس ايڇ او جي نااهلي خلاف احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهيون ايس ايس پي نوشهروفيروز نوٽيس وٺي

محرابپور (رپورٽر) سنڌ جي حڪمران جماعت جي يونين چيئرمين جي گهر تي فائرنگ، پوليس جي روايتي خاموشي، عوام جو لوڏي چوڪ تي احتجاج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

نئون ڪوٽ شهر ۾ اٽي جي اگهن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ جو سلسلو جاري

نئون ڪوٽ جي مقامي چڪي مالڪن پاران مبينا طور اٽو 5500 کان 6000 رپيا في مڻ جي اگهه تي وڪرو ڪيو پيو وڃي

سرڪاري طور اٽي جو مقرر ڪيل اگهه 5000 رپيا في مڻ ٻڌايو پيو وڃي

اٽي جي اگهه ۾ واڌ سبب اڳ ئي مهانگائي جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ عوام تي وڌيڪ معاشي بار پئجي رهيو آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) نئون ڪوٽ شهر ۾ اٽي جي اگهن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ جو سلسلو جاري آهي. نئون ڪوٽ جي مقامي چڪي مالڪن پاران مبينا طور اٽو 5500 کان 6000 رپيا في مڻ جي اگهه تي وڪرو ڪيو پيو وڃي، جڏهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ميرپورخاص مبارڪ علي مهر جي صدارت هيٺ مسلم ليگ فنڪشنل لائرونگ ميرپورخاص جي تنظيم سازي مڪمل، نئين باڊي جو اعلان

جنهن ۾ جمهوري طريقيڪار تحت ووٽنگ ذريعي لائرونگ جي نئين ڪابينا چونڊي وئي

اجلاس ۾ اڪثريتي راءِ سان ايڊووڪيٽ قائم ڪاشف پهوڙ کي صدر ۽ ايڊووڪيٽ محمد رفيق منگريو کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو

مختلف ونگز کي فعال بڻائڻ لاءِ ڪم جاري آهي ۽ تنظيم سازي جو عمل مستقبل ۾ به ساڳئي جذبي سان جاري رکيو ويندو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو): پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ميرپورخاص جي صدر ۽ نامور سماجي شخصيت مبارڪ علي مهر جي صدارت هيٺ راجا هائوس ۾ مسلم ليگ فنڪشنل لائرونگ ضلعي ميرپ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي آمد جي خوشيءَ ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ جي هڪ پروقار تقريب منعقد

ٽي اي او سيڪنڊري محمد علي خشڪ علي محمد بوزدار ۽ اڳوڻو هيڊماسٽر محمد ايوب سولنگي خاص طور تي موجود هئا

اسڪول جي شاگردن حضور اڪرم صہ جي مبارڪ سيرت ۽ فرمانن تي تقريرون ڪيون ۽ نهايت عقيدت سان نعتون پڙهيون

علامه غلام محي الدين سهڙو ملڪ جي سلامتي ترقي امن ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري

ڄامشورو (رپورٽر) ماڊل پراجيڪٽ اسڪول پيان سيدآباد ۾ هيڊماسٽر راڻو خان رند جي زيرِ اهتمام فخرِ دوعالم حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي آمد جي خوشيءَ ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ جي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سنڌ جي وجود ۽ وحدانيت خلاف ڪنهن به حد کي اورانگهڻ لاءِ تيار آهيون: خان محمد

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، سنڌ جو آواز بڻجي دنيا آڏو واضح پيغام ٿا ڏيڻ چاهيون ته سنڌ امڙ جي ورهاست ڪي برداشت نه ڪبو

تاريخ ان ڳالهه جي گواهه آهي ته 1947ع ۾ لکن جي تعداد ۾ هندستان کان آيل مهاجرن کي سنڌ آڌرياءُ ڪيو ۽ انهن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون

اڄ اسان جي سنڌ ماءُ کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪندڙ احمق جي جنت ۾ رهن ٿا، سنڌي ماڻهن جو مورچو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير آهي

ملير (ڊ.ر) سنڌ جي وجود ۽ وحدانيت خلاف ڪنهن به حد کي اورانگهڻ لاءِ تيار آهيون. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، سنڌ جو آواز بڻجي دنيا آڏو واضح پيغام ٿا ڏيڻ چاهيون ته سنڌ امڙ جي ورهاست ڪي برداشت نه ڪبو. اهڙن خيالن جو اظه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

پيار جو پرڻو ڪندڙ نوجوان جي خاندان جي زندگي مسلسل عذاب بڻيل

متاثرن جي گهرن ۽ زمين تي مبينا قبضو برقرار، متاثر بي گهر بڻيل، متاثرن جو احتجاجي مظاهرو

پورو خاندان دربدر واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون بااثر جوابدار مارڻ لاءِ ڳولين پيا

ڄامشورو (رپورٽر) پيار جو پرڻو ڪندڙ نوجوان جي خاندان جي زندگي مسلسل عذاب بڻيل. متاثرن جي گهرن ۽ زمين تي مبينا قبضو برقرار، متاثر بي گهر بڻيل، متاثرن جو احتجاجي مظاهرو، پورو خاندان دربدر واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون بااثر جوابدار مارڻ لاءِ ڳولين پيا، ايس ايس پي ڄامشورو، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو، علي آباد جي رهواسي پيرسن فيرڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

هالا: پائٽ، آغا خان ۽ سليڪٽ پروگرام جي ماسٽر ٽينر پاران اسڪول جو دورو

ڳوٺ جمال خان نظاماڻي پهچي اسڪول جو وزٽ ڪري تعليمي سرگرمين جو تفصيل سان جائزو ورتو

شاگردن ۾ پڻ سکڻ جو تمام گهڻو شوق آهي ۽ اسڪول جو انوائرونمينٽ تمام بهترين آهي: عبدالخالق چنا

هالا (رپورٽر) پائٽ، آغا خان ۽ سليڪٽ پروگرام جي ماسٽر ٽينر عبدالخالق چنا هالا لڳ ڳوٺ جمال خان نظاماڻي پهچي اسڪول جو وزٽ ڪيو ۽ اسڪول ۾ هلندڙ تعليمي سرگرمين جو تفصيل سان جائزو ورتو. ان موقعي تي ماسٽر ٽرينر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29